
Your Home Needs A Radio

Try

PHILIPS

And feel Difference



Different Models of Radios and Radiograms

PHILIPS 5 Valves
All Wave AC/DC
and Dry Battery
Rs 175/-/-
Ask or Phone
88405
For Free Demonstration

Displayed at:-

M|s Ramchand Brothers

Radio, Sound and Electrical Engineers.
Govt. Licenced Electrical Contractors.
Dealers in every thing in Electrical.

7, Bhatia Buildings,
Ghod Bunder Road.
Near Central Bank, Bandra,
BANDRA, BOMBAY-20.

انگريزي سکڻ ۽ مئٽرڪ پاس ڪرڻ جي ضرورت ڇو آهي؟

ڏاڍن ۾ سخت چڙهائي، خاص فائدو ڪونه ۽ ٻئي
ـسي سڙڻ گهڻي هئڻ سبب ڪوٽا سمنڌي نوڪريءَ
ي تلاش ۾ آهن. ڇاڪاڻ ته نوڪري ملڻ سان لوري
گهڻي روزگار جي سلامتي آهي- ٻئي طرف ڏنڊي ۾
ڻئي سان ڪڏ نقصان نه آهي.

پر نوڪري ڪيئن ملندي؟ هن سخت چڙهائيءَ
واري زماني ۾ ماڻهو گهڻي پاڳي نوڪري ڪرڻ لاءِ
منتظر آهن پر نوڪري ملڻ انهن مشڪل آهي
جيستائين انگريزي نه سکيا آهيو ۽ ڪو امتحان پاس نه
ڪيو اٿو. مئٽرڪ ته اڄڪلهه بلڪل رواجي ۽ گهٽ ۾
گهٽ تعليمي لياقت سمجهي وڃي ٿي.

اوهان ڪٿي ڄاڻ آهي؟ نه لوري عرصي ۾ گهٽ
خرچ سان سڪول ۽ ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ کان سواءِ
اوهين مئٽرڪ، انٽر ۽ بي.اي امتحان خانگي طرح پاس
ڪري پاڻکي نوڪريءَ لائق بڻائي سگهو ٿا. اوهان ڀل
هڪ ڏرجو نه انگريزي نه پڙهيا هجو پر جي عمر گهٽ ۾
گهٽ ٢٢ ورهيه آهي ۽ وڌ ڪيتري نه هجي ته مئٽرڪ
پاس ڪري سگهو ٿا. ٢٢ ورهين کان گهٽ عمر وارن
لاءِ پڻ ڪافي وجهه آهي. تفصيلوار خبرچار لاءِ روبرو ملو.
ٽيوشن (پڙهائي) جو بهترين بندوبست. مئٽرڪ جا ڪلاس
زور شور سان چالو آهن جنرل انگريزي سيکارڻ جو
خاص بندوبست آهي.

ايڊيشنسي ڪوچنگ ڪلاسز (فون نمبر 60)
... نڪلي پرسان، ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٣



شري بي- پي- هيرا

B. Sc. Tech. (Manch.'

A.M.C.T. (Manch.) and

A.M.I. Mech.(London)

شري هيرا صاحب سينٽرل ريلوي ۾ ورڪس مئنيجر جي
هدي تان اضافو پاڻي ڊپٽي چيف آپريٽنگ سپرنٽينڊنٽ ٿيا
عيئر ڊپٽي چيف مڪئنيڪل انجنيئر (آر ء ايم) جو عهدو
سنڀالي رهيا آهن.

سينٽرل ريلوي سنڌي سڀا جو ٻئي سال لاءِ چيئرمن
صاحب ٿيڻ جو شرف کين ني مليو جو هو صاحب هردلعزيز
ھتو ۽ رلڻو ملڻو سڀاءُ رکندڙ آهن.



سينٽرل ريلوي سنڌي سڀا

جي

ٻين ساليانِي ڀيٽ



With Best Compliments from:-

Central Railway Sindhi Sabha

BOMBAY.

سال ١٩٥٧] [ڪاپيون ١٠٠٠

هي مخزن اُترام پهلاجراءِ للواڻي، سيڪريٽري، سينٽرل ريلوي سنڌي سڀا، ممبئي، بلاڪ نمبر ١٠٩٦، او.ٽي. سيڪشن، ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٣ مان سڀا پاران ڇپائي ۽ سوڀراج جي- پڌوائي ۽ ”انقلاب“ پريس ڪلياڻ ڪئمپ ٣ مان ڇپي پڌري ڪئي.

فهرست



شري آئلاڻي شري کانچنداڻي
" آهوجا انند " چيلاڻي ايل. ايڇ
" ڀيرواڻي ديال " ڪٽعيو جڳيشا
" جيرام روهڙا (W.B.) " آڏواڻي ڪٽعيو (W.B.) وارو
" لاڪواڻي. ايف " رامناڻي
" ايشور وڌواڻي " ناگراڻي
" هرچنداڻي " گنگادر ڪوٽاڻي
" گرناسنگهاڻي " واڌواڻي دامودر
" سيتل ميگهراجاڻي " ملڪاڻي. رام. ٻُ
" آڏواڻي نارائڻ (ٻرنهن وارو) ڪماري ڊرو آڏواڻي
" ڪشن پنجواڻي شري ڀڳوان گاجرا
" سرچند " ٻجلاڻي. وشن
" آهوجا پرمانند " لالا آر. ڪي
" ڪي. ڪي. راجاڻي " هريسنگهاڻي
" شيوڪرام للربجا " نارواڻي جيوٽداس
" ٽي. ايل. چندلاڻي (ڊرائيور) " راڌاڪرشن (گارڊ)
" آهوجا ڪرمويز (ريلوي ٻورڊ) " هريرام گوڌواڻي
" نهچل هرجهال " چيتواڻي نانڪ
" هيرو گرسهاڻي " سرچند ٻجلاڻي
" ڪشن جهانگياڻي " آڏواڻي رام
" وي. ايس. ڪمار " لعل موٽواڻي
" نارنگ " سندر هيمراجاڻي
" ڪيسواڻي ڏوڙهو " موهن ٻهوجا

سينٽرل ريلوي سنڌي سڀا

چيئرمين

سيڪريٽري

ڪاروباري ڪاميٽي — خزانچي — آڊيٽر

چيئرمين: ٻي- ٽي- هيرا

سيڪريٽري: اشرام- ايلا هراڻ للواڻيا

خزانچي: لالڪرام- وي- للواڻيا

آڊيٽر: سروچ ڪمار وڀاڻي "ڪامل"

ڪاروباري ڪاميٽي:-
سڪن مولچندواڻي
لالڪ واسواڻي
لالڪ ڪنواڻي

"سينٽرل ريلوي سنڌي سڀا"

جو جوڙجڪ

نالو: هن جماعت جو نالو "سينٽرل ريلوي سنڌي سڀا" رهندو.

مقصد: هن سڀا جا هيٺيان مقصد ٿيندا:-

(الف) سنڌي ساهت کي زور وٺائڻ

(ب) "موهل" مخزن- سال ۾ گهٽ ۾ هڪ دفع شايع ڪرڻ خاص مقصد ٿيندو.

(ت) پراڻي پاڻ وڌائڻ لاءِ وقت بوقت سير ۽ سفر ڪرڻ

ميمبر ڪيرٿي سگهندو: سينٽرل ريلوي جو ڪو به سنڌي ملازم هن سڀا جو ميمبر ٿي سگهندو.

ميمبر شپ في: سڀا جي سالياني ميمبر شپ في اٺ آنا ٿيندي.

پد اُپڪاري: سڀا جي ڪاربه هلائڻ لاءِ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويندا:- (الف) سيڪريٽري (ب) خزانچي (ت) ٽي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر- ڪل پنج ڄڻا گڏجي ڪاروباري ڪاميٽي ٺاهيندا.

سيڪريٽري ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا اڌڪار ۽ فرض: ڪن به مختلف راين جي حالت ۾ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو گهڻائيءَ سان ڪيل فيصلو آخرين ٿيندو.

٢- ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ڪو به ميمبر اڳواٽ سوچنا يا واجبي سبب ڄاڻائڻ کانسواءِ ڪن ٽن لاڳيتين ميٽنگن

❋ ڪجهه سيپا بابت ❋

”ڪنهن به قوم کي مٽائڻو هجي ته ان لاءِ سؤلو طريقو آهي ته سندس ساهتيه کي ناس ڪجي.“ اها چوڻي ڪا غلط نه آهي. ساهتيه ئي آهي جنهن سان ڪنهن قوم جي انتي ٿي سگهي ٿي. ساهتيه کان سواءِ ڪا به قوم اڳين رهندي جيئن ساهه ڀڃا ڀڃن.

اسان سنڌين ۾ سمت چڙهي کان اڳ ساهتيه جي بوجهه بيشڪ هئي پر ساهتيه لاءِ پريم جو نيو پلوا!

ليڪن اڄ فضا ٻي آهي. هندوستان ۾ اڄي اسان ساهتيه جي واڌاري جي ڏس ۾ ڀاڳ چڱو موڪيو آهي. جن غير سنڌين کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهتيه جي خبر ڪا چاڻ هئي، تن جڏهن دهليءَ واري نماءَ ۾ اسان جو مالا مال ساهتيه ڏٺو تڏهن ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا! اها اسانجي لاءِ ڀلڪل فخر جي ڳالهه آهي.

۽ اهو سڀ ٿيو آهي ۽ ٿيندو تڏهن، جڏهن اسانجي سيپا جهڙيون ٻيون به انيڪ سيپائون ميدان ۾ اچي ساهتيه جو واڌارو ڪنديون هلنديون.

خوشي اٿم جو اڳئين سال جي سوا سو صفحن جي ڀيٽا جي ڀيٽ ۾ اڄ ٻن سون صفحن کان به مٿي ذخيرو توهان جي اڳيان پيش رکان ٿو. اڳين ڪوشش اسانجي ٻهرين ڪوشش هئي ليڪن هن موجوده گلدستہ مان توهانکي اڳي کان وڌيڪ ۽ صد بار وڌيڪ خوشبوءِ ايندي.

اڳ اسان پنهنجي رپلوي جي نون رنگرون خواهه ٻين ليڪڪن جا ليک وغيره پڙهاهه سيڪڙو کان به وڌيڪ ڏنا

ڊسمبر، ١٩٥٦ع ۾ دهليءَ ۾ ٿيل ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس ۾ ممبئيءَ مان سنڌي ڊيليگيٽن ۾ اسانجي سڀا جو سرگرم ۽ چست ساٿي (حقيقت ۾ "مومل" جي جنم داتائن مان هڪ) شري جيوت "جوت" به هو ۽ اهو اسان لاءِ نهايت فخر جي ڳالهه آهي. هن دوست "مومل" لاءِ پنهنجي جذبات جو اظهار چئن سٽن ۾ پري چٽيءَ ڪئي ته خيال جو سمنڊ اوتيو آهي.

(سيڪريٽري)

"مومل"

سال ٻئي ۾ پير پاتو آهه "مومل" ساٿيو،
ناز آ "سنڌي سڀا" کي جنهنجو هي سينگار آ.
شل وڌي قولي قلمي سنڌي ادب سائو ڪري،
سنڌيت قائم رکڻ جو هيءُ سچو هٿيار آ.

"جوت"

سرام ضيا

✻ نئين زندگي ✻

غم کان آزاد ٿيڻ چاهيون ٿا،
زندگي گهرجي، جيئڻ چاهيون ٿا.

خاڪ اندر نه پسري ٿو جيون،
شان مٽيءَ جو ڏسڻ چاهيون ٿا.

رهبريءَ لاءِ اٿن ٿا جذبا،
پهچيءَ منزل تي رسڻ چاهيون ٿا.

سخت طوفان اچن جي ڪڙڪي،
دل کي وندرائي رکڻ چاهيون ٿا.

نيٺ پربت تي بهاري ايندي،
باغ جا نقشا رڱڻ چاهيون ٿا.

حسرتون خواهشون ٿينديون آباد،
بهجي دنيا کي اڏڻ چاهيون ٿا.

تاڻ تدبير کي وسوا نه ڪيو،
ساڻ قسمت جو ڇڏڻ چاهيون ٿا.

اي ضيا سُور گهڻا بيتاسين،
جام راحت جا پيئڻ چاهيون ٿا.

شاعر جي مجبوري

گووردن محبوباڻي "پارٽي"

هاء! منهنجو ڪنهن سمي آڪاس ۾ پرواز هو
ساز منهنجي شاعريءَ جو، زندگيءَ جو ساز هو
گونج منهنجيءَ پر سمايل عام جو آواز هو
سچ ته پنهنجي ڪلپنا تي خوب مونکي ناز هو
مون نه ڏيکاري ڪڏهن ڀي، عيش خاطر چاهه ڪا
ڪين دنيا جي دکن جي مون ڪئي پرواهه ڪا.

مون ڏٺا مومل نظارا قرب قدرت سان ڪري
ڪامنا ڏٺي ويس اُڏري ستارن ڪان اسري
ٿاڳ ڏٺي، ڦول آس سان اکين ۾ ڀري
ڪلڪ سان ڪيڏا ڇلڻ ۾ آباد ويرانا ڪري
مست ڏٺي، سمنڊ جي ڇولين جي دلڪش رقص ڪؤن
۽ سي ڇٽيا رنگين قدرت جا نرالا نقش مؤن.

چنڊ ڏولڻا چانڊنيءَ سان زلف ڪارا راس جا
ڏينهن سورج جي ٻڌي، ٿيا لال گل برسات جا
برير سان اڏيون وڄايا ساز منڙا لاهه جا
ابر سان بادل وهايا لڙڪ هي برسات جا
۽ نسيم ٻل ٻل ابر جو هڪ انوکي روشني
هر گهڙي ۾ ٻي ڏياري، راحتن جي واڳڻي.

آه! ڏٺو انسان ٿي انسان جو بيداد مون
هر شعر ۾ ڇٽيو، بيواهه جو فرياد مون
جڳ کي جاڳايو، وڄائي انقلابي ناد مون
قيد ڪرائي، غلامن کي ڪيو آزاد مون
زور هو منهنجو قلم، بندوق ۽ تلوار کان
ڪين ڪڏهين مان ڊنس، زردار کان سرڪار کان.

اڄ ادب جي خدمتن لئي، ڪاڪ مهڙي ٿي هلي
پيت جي پر آڳـــ ۾ آدرش ســارا ويا جلي
ذوق کي ڳُورجُن ڳهتيو، اُجڙي امنگن جي ڪلي
شاعريءَ شمشدر اٿي، پونڊيءَ اڳيان جهولي جهلي ،
مـان هايس بازار ڏي ، وڪڻ خدائـــي نعمتون
گيت ، ڪوتائون ، غزل ، ارمان ، آتما ، حسرتون •

پيٽ خاطر مون خدائي ذات کي وڪڻي ڇڏيـــو
شاعريءَ جي شوق ۽ جذبات کي وڪڻي ڇڏيو
اي ڊپيءَ، آزاد، اصلي ذات کـــي وڪڻي ڇڏيو
شان ۽ سؤمان ڇا ، هـــر بات کـــي وڪڻي ڇڏيو
مالڪن کي خوش ڪرڻ جا گيت مان ڳائڻ لڳس
هئن ڇـئـي مـجـبـور دل کـي آءٌ پرڀائـڻ لڳس.

”ڇـا ڪجي ؟ هرچيز جـو مـالڪ اڄـيـو زردار آ
عـصـمـتـن ۽ عـشـق جـو پـي عام اج واپـار آ
مفلسن خـاطـر مـرڻ مشڪل ، جـيـئـڻ دشـوار آ
بک اڳيـان تـهـذيـب ۽ انـسـانـيـت لاچـار آ
چند چانديءَ جي سِڪن لئي جي وِڪي مون شاعري
مون ڪئي ڪهڙي خطا؟ تون ڇو پلي،او دل! ڇُلي.“

هو ماستر واري ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ ڪيس هڪ ميز، ڪرسي ۽ مرڪيل سرڪيل ڪاغذ جو ٽڪرو مليو، جنهن ٽڪر تي سندوراڻي ان لپ پينسل سان لکيل ڪجهہ آڌا اکر. اکر پڙهيائين. هڪ دفعو، ٻہ دفعا، ٽي دفعا ور ور ڪري ڇڻي ڪي پڙهيائين. ڪجهہ هيئن لکيل هو:-

”پياري نرملا،

مان توکي ڪتروتہ ڀانيان ٿو! توکي گهڻوئي ياد ڪريان ٿو پر تو شايد مونکي ڀلائي ڇڏيو آهي. مان توکي رسيس جي وقت ڏاڍو ڳوليندو آهيان پر تون ڪٿي بہ نظر نہ ايندي آهين. اڄ مون سان ضرور ملجانءِ.

تنهنجو هر پل“

بابا ٽي

ٻارهن ورهين جي هن معصوم ٻالڪ
جو معصوم خط پڙهي، هو لڙس ۾ هڪ طرف پيو ٿي،
مونجهاري ۾ ٻئي طرف اپيٽجي ويو. اهو خط ڪيئن ان
مراد سان مليو هو ته هو ان خط جو نيڪال ڪــري،
ڇوڪري کي تنبيهہ ڪري، جنهن جي سر تي پيار جو
ديوتا ڪيوپڊ سوار ٿيو هو. اهڙي خط جو هو
ڪهڙو نيڪال ڪري، ان سوچ ۾ هو ٻڏي ويو. هن
کي پهريون خيال اهو آيو ته خط ۽ ڇوڪري جي
ٻانهن سڪول جي هيڊ ماستر کي ڏئي، جئن هو خود ئي
انهيءَ معاملي کي نرتو ڪري. پر اوچتو سندس خيال
کي ڇڏي اچي ويو. سڪولي جيون جو هڪ واقعو ٻجليءَ
جي چمڪاٽ جيان سندس اکين اڳيان ڦري آيو. هوبهو
هڪ اهڙو واقعو! مدوهر ۽ گوپي! گوپي ۽ مدوهر!
مدوهر ۽ گوپي سندس هم ڪلاسي هئا.
گوپي ڪلاس جي شيرڻي ليکي ويندي هئي. ڪنهن
ڇوڪري کي ساهس نہ ٿيندو هو جو ڪو سندس سامهون
اٿي سگهي. هن سان ڇرچو ۽ کل ڪرڻ تہ ڏور رهيو؛
پر ساڻس چپ چورڻ جي همت به ڪــن جزوان کي
ٿيندي هئي. هرڪو هن کان ڏري گهٽ ڪنبندو ۽
ڪن هٽندو هو. هوءَ اهڙي رعب سان هلندي هئي،
جو لات جي پت ڪي به آخر ۾ نہ آڻيندي هئي. پرسان
ڪير لنگهي ويندو هوس تہ مجال آهي جو اک کڻي

نهارينس. رستي لي اڙهنگ ۽ شرارتي ڇوڪرا ڪيترا نه چرچا ۽ مسخريون ڪري سندس ڌيان نه ڇڪائي سگهندا هئا ۽ جي ڪنهن ڏانهن ڪرڙي نظر ڪٽي اڇليندي هئي نه اهو ڇوڪرو ريءَ والگر پس جي پنيان لڳي هلڻ شروع ڪندو هو. جيڪڏهين ڪنهن ڇوڪري جي پرسان لنگهندي هئي نه هو پنهنجي پرسان سڄ شبرٽيءَ کي محسوس ڪري ڏاڍ هوٽيءَ والگر جار وکون پٺتي هٽي ويندو هو يا پاسو ولي ويندو هو. رستي تان هلندي پنهنجون اکيون ۽ لوندڙيون 'هوشيار' جي حالت ۾ ڪري هلندي هئي، جيئن قواعد ۾ سپاهي ڪندو آهي. مجال جو اک ڇپي يا ڪڏهين ڪنهن تي پاسيري نظر اڇلائي! جنهن رستي يا گهٽيءَ مان هوءَ گذرندي هئي نه ڪيترا شائق سندس انهيءَ شاهاڻي رعب جو تماءُ ڏسڻ کان پاڻ کي روڪي نه سگهندا هئا!

۽ هوڏانهن منوهر گوپيءَ جي اٿي ڪاپي هو. تالو برابر منوهر هوس ۾ ڪلاس جا شاگرد کيس پوپري ڪري ڪوٺيندا هئا. ڪنهن ڇوڪريءَ جو تالو سندس اکيان وڃي نه ڳلن تي رت مڙي ايندس، ٻاڪ ڪين جون پاڙيون نه سرخ ٿي وينديس، ڇوڪرين کان ڏهه ڪوه ڏور ڀڄندو هو. جي ڪا ڇوڪري سان لنگهندي ڏسندس نه سسي ويندو هو ۽ ڪجهه ٿدر هٽي ويندو هو. ڪهڙ ڪا ڇوڪري ايندي هئي

۽ هو ڪو نه ڪو ٻهانو ٻڻائي گهر کان ٻاهر نڪري
ويندو هو. ڪلاس ۾ ٻئي ڇوڪرن جي ابتڙن کان گهٽو
ملتي ويهندو هو. ڇوڪرا ڪيس ڪمت ڪرڻ لاءِ ٻڌون
ليڪچرن واري ڇڏيندا هئا ته آيدا هيٺ اچي ويندو
هو. ڪلاس ۾ ڪنڊ هميشه هيٺ ڪري ويهندو هو.
رستي تان هلندي ٻري ڪان ڪا ڇوڪري ڏسندو هو
ته نظرون ڏرليءَ ۾ ڪپائي ڇڏيندو هو. مجال آهي، جو
ڪڏهن وقت اکيون مٿي ڪري ڪڏهن ڇوڪريءَ جي
چهري ۾ چتائي سگهي! سامهون ايندڙ ڇوڪري جيسين
گهٽو ٻري هلي نه ويندي هئي، ليسين هو اکيون
مٿ ٻون نه ڪندو هو.

۽ ...... گوپي ۽ مومل جو ناٽڪ ۾ ٻرابر
ڀڄي ويو هو. اهڙي ڳالهه ڪيس مومل ٻڌائي هئي.
مومل سندس ٻاڙيسري، سندس مٽ ۽ سندس ڏلگهريو
ڪلاسي هو. اهڙي ڪا ڳالهه ڪا نه هئي، جا مومل
ڪانئس ڇپائي رکي هجي. ٻهر ٻون ڏفعو جڏهين مومل
اها ڳالهه ساڻس ڪئي ته ڪيس ويسهه ۾ نه آئي ۽ وسميه
۾ پئجي ويو هو. هن سوچيو هو: مومل ۽ ٻرابر! گوپي
۽ ٻرابر! مومل ۽ گوپي! مومل ۽ گوپي ۽ ٻرابر! ڳالهه
اعتبار کان ٻاهر هئي ٻر جڏهن سچائيءَ سان مومل اها
ڳالهه چئي هئي، تڏهن ۾ شڪ جي گنجائش نٿي رهي.

منوهر رام جي گهر ويندو هئو. رام نه
صرف سندس دوست ۽ همڪلاسي هو، پر پاڙيسري
پڻ هو ۽ گوپي، رام جي پيءُ جي ساهيڙيءَ جي نالي
نمع نيم رام جي گهر ايندي هئي. رام جي گهر ايندي
منوهر ٻارن ڪڇهه ڏيهن جرڪيو، پوءِ شرمايو ۽ آخر
۾ هو اکيون هيٺ ڪري ويهندو هو. هو آهستي آهستي
گوپيءَ کي لڙڪي نظر سان ڏاڇيندو رهيو. گوپي، جا
ڪلاس ۾ سڀني لاءِ شيرڻي هئي، سا هيءَ ڪيئن بلڪل
اڏيءَ جهڙو پاسڻ لڳي. ڪيس وشواس ۾ نٿي آيو ته
گوپيءَ جو پڻ اهڙو روپ ٿي سگهي ٿو! هوءَ سڪول
واري گوپي نه پر بلڪل عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ
گوپي هئي، جا رام جي گهر هرڻيءَ وانگر ٽپي ايندي
۽ ڪڏندي هئي ۽ ڪل ۽ ٽهڪڙو وسائيندي هئي. اهڙو
انوکو ۽ نرالو گوپيءَ جو روپ منوهر کي ٻارن اسيڙ
لڳندو هو، پوءِ ليوس ۾ وجهندڙ لڳو ۽ آخر ۾ عجيب
ڪشش ڪندڙ پاسيو. گوپي، منوهر ڏانهن نهاريندي
هئي، مشڪندي هئي، بعضي ناز ۾ پڻ نگاهون
اڇلائيندي هئي ۽ ويچاري منوهر جي دل جي
سانتيڪي دنيا ۾ خوفناڪ ڀونڪپ مچائي، ان جي
پتين کي پاڙن کان ڏوڏي ٽاڪرو مچائي ڇڏيندي هئي
۽ منوهر؟ ٿوري وقت ۾ منوهر جي
ڪايا پلٽجي ويئي. منوهر، ساڳيو منوهر نه رهيو. هو
هڪ وچتر ۽ انوکو ڪردار ٿيجي پيو. ڪيس "جيترو گوپي

جي نرالي روپ لي لعجب انگيندو هو. اولروني پنهنجي ادليل شخصيت لي. ڪڏهين ڪيس اعتبار ئي نه ايندو هو ته ٻاهر وارو موهن ۽ هيءُ موهن ڪو ساڳيون شخصيتون هيون! کيس انهن ٻن شخصيتن ۾ ڪو سنبنڌ نظر نه ايندو هو، ڪو ميل ميلاپ سمجهه ۾ نه ايندو هو. رام جي گهر هو پنهنجو پاڻ کي سمجهي نه سگهندو هو.

موهن نت نيم رام جي گهر ويندو هو ۽ گويي پاڻ وس پڇندي پيرو نه پچندي هئي. ٻئي جڻا جڻ ساڳئي وقت لي هڪ ٻئي جو انتظار ڪندا هئا ۽ عين ساڳئي وقت اتي موجود هوندا هئا. هڪ ٻئي کي ڏسندي هو شرمائجي ويندا هئا. هڪبئي سان نظرن جي ٽڪرجڻ لي هنن جي چپن تي مسڪراهٽون ماکي هاري ڇڏينديون هيون ۽ هڪ ٻئي کي اکين نگاهن سان ڏسي اکين جهڙو ڪندا هئا، پر هڪبئي سان ڳالهائيندي هچڪندا هئا. جيترو وقت هو اتي موجود هوندا هئا، هنن جي دلين جي ڌڙڪڻ ۽ اکين جي اڪيچ جاري هوندي هئي. ڪيترا مهنا هو نديءَ جي ٻن ڪنارن وانگر هڪ ٻئي جي سامهون ڪاڪ هلندي ٻ، هڪبئي ۾ ملي نه سگهيا هئا. هو پنهنجي سيني ۾ اٿاهه ٻرير جو ساگر سمائجي، خاموشيءَ جي مهر لڳائي، خوابن جي دنيا ۾ دور دور هلندا ئي ويا. هو هڪبئي جي بلڪل ويجهو

هوندي ۽ دور هئا ۽ هڪٻئي کان دور هوندي ۽
ويجهائي محسوس ڪندا رهيا.

هڪڙي ڏينهن مومل هن وٽ ڊوڙندو
آيو هو. سندس من ۾ وياڪلتا ۽ چهري تي پريشاني
هئي. ائين ٿي ڏٺو ته سندس دل ڪنهن ڳري ارجي
هيٺ دٻجي رهي هئي. دل جو بار لاهڻ لاءِ هو بي صبر
۽ اتاولو ٿي رهيو هو. هن هر هر ڪرسيءَ تي ويهڻ جي
ڪوشش ٿي ڪئي، پر من اندر ايتري لوڇ ۽ بي آرامي
هئس جو ڪٿي به ٽڪاءُ نٿي آيس. هر هر اٿي ويهي ٿي
ڪيائين. جڏهين پنهنجي من جي سڄي آلوڙ ويلا جو ورلن
هن سان ڪيائين، تڏهين من هلڪو ٿيس ۽ آرام آيس.
پهراڻن تي دعوو پنهنجي پريم جي وارتا جو راز پنهنجي
سيپي مان ڪڍندي دل جي ڏک هڪ طرف ٿي
محسوس ڪيائين ته پريم جو بوجو هلڪو ٿيندو ٻئي طرف
ٿي محسوس ڪيائين. مومل جي دل جي ڪيفيت عجيب
هئي! ايترو وقت پريم تي خاموشيءَ جي مهر لڳائي،
هو پريشان ٿي رهيو هو. سندس دل جا اُڌما ڪيس
وياڪل ڪري رهيا هئا. سندس دل جي ڌڙڪڻ ڪيس
اڻ ڦاٽي رهي هئي. هن پنهنجي دل جو راز ڪنهن وٽ
کولي رکڻ لاءِ گهريو. پنهنجي پريم جي پنهن جسي
پيت ڪنهن کي ڏيڻ ٿي گهري. هن چاهيو ٿي ته ڌڙ
پنهنجي دل جا بند ٽوڙي، سيلاب جي [illegible]

دل ٻرام ساگر ۾ ٻوڙي ڇڏي. هن جي دل اُجهل ٻاجهي
ٻرام جي ٻالوت ڪرڻ لئي ڳوري. هن ٻڌهڻي دل ڪولي
ڳولهيءَ اکيان رکڻ لئي ڳوري، جنهن هن وٽان ٻرام جي
موت ٻالي، هو دل کي لڪين اٿڻي ۽ آنند جي ساگر
مان سرڪيون ٻري.

... ...

هڪ ڏينهن ناڪ مڇهند جو، اونهاري
جي لتل ڏينهن، ٻپهرن جو جنهن سڪول ٻند ٿيو ته ٻار
نڪندا ٻاهر نڪتا. سڄ آسمان مان پکهاريل ٻاهه
پئي وسائي. ڌرتيءَ نهائينءَ وانگر گرم هوا جون ڦوڪون
پئي اُڀلايون. مدوهر اختيار ڪدهن جي پليان ٻڌهڻي
ڌاري ڏيري قدمن سان هلندو وٺو. هو اي خيال ڪڍهن
جي جستجو ۾ هلندو پئي وٺو. سندس من ۾ جوشيلي
ساگر جي ڇولين وانگر اُٿرو ته زور هو، جو ڪيس معلوم
نٿي ٿيو ته، اهي من ۾ اٿندڙ ڇوليون ڪيس ڪيڏانهن
ڳيلي رهيون آهن!

سڪول جو رستو طئه ٿيو. شهر جو شاهي
رستو پورو ٿيو. ڪهڙين پليان ڳهٽيون آيون ۽ ويندڙون
رهيون. ڳولهي اکيان ۽ مدوهر پليان. گرميءَ جي ٿاهش
ڪري ڳولهيءَ جي ڳلن لئي ٻاهه جهڙي لالائي ڦهاڄي
وئي هئي. سندس سارو جسم ٽمٽ ۾ ڇڳ ٻڏري رهيو
هو. مدوهر مٿان سڄ جي گرم ترورن حملو پئي ڪيو ۽

هو ٻکڙ ۾ لڳو هو. سندس نرڙ تان ٻکڙ جون شفاف
بوندون کسڪي زمين سان ملي اتان ئي ٻجي ٿي ويون؛
پر مومل جي دل جي حالت عجيب هئي! ٻاهر هيڏي
گرمي هوندي به سندس جسم ۾ هلڪو سيائو ٿي اڀريو.
سندس دل جي ڌڙڪڻ ايترو ته تيز هئي جو جيڪر
پري سان لنگهندڙ ڪي گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ وانگر دل جي
ڌڪ ڌڪ جو آواز ٻڌجي پئي. هو ٻاڻ ڪان ئي ٿي ٻڌي،
گوپيءَ ڪان ئي ٿي ٻڌجي. ٻنهي هلندو ٿي رهيو.

گوپي هينئر پنهنجي گهر کي ويجهي
پهچي ٿي وئي. مومل پنهنجي دل جي رفتار سان گڏ
قدمن جي رفتار به وڌائي. جڏهن هڪ گهٽيءَ ۾ گهڙيا
ته مومل اڳوليءَ وڃي اکڙي وک وڌائي اڃليءَ جي
جهٽڪي جيان گوپيءَ جي اڳيان اچي بيٺو. هن کي سڌ ٻڌ
نه رهي ته ڪي ٽڙون ڪين ڏسي رهيون آهن. هن جي
لرزندڙ زبان ۽ ڌڪندڙ بدن مان هڪ حرف به نه نڪتو.
هن هڪ ٻي نظر وڌائي گوپيءَ جي هٿ ۾ ڏنو،
جنهن ۾ ٻه سادا جملا لکيل هئا: 'مان توکي ڪيترو نه
ٻانيان ٿو! ڇو نه مون سان اڪيلائيءَ ۾ ملندين؟' گوپي
سرڪي وئي. سندس اکين مان ٻاهر ٿي نڪتي. سندس
چپ سرءَ جي سڪل پن وانگر ٿي ٿڙڪيا. هن خونخوار
اکين سان مومل کي ڏٺو. گوپيءَ جڏهن گهر ۾ پير
ڌريو ته هن سان وڃي ويو. هوءَ ئي زبان گڏڏام

وانگر ٻڌندي رهي. هن سمجهائڻ جي ڪا به ڪوشش
نه ڪئي.

۽ هوڏانهن منوهر گهايل پرندي جيان
ڀڄندين ڪبوترن کي لڏائيندو، لمائيندو پنهنجي هٿيو ۽
نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ پنهنجي گهر اچي کٽ تي
ڪريو. ڪيترو وقت هو سڌ ٻڌ وڃائي کٽ تي پيو رهيو.
ڪن ڪلاڪن کان پوءِ هو جڏهين سامت ۾ آيو ته ائين
ٿي لڳو ته ڪنهن سندس دل کي چيپائي ودو هو.
سندس چهري تي اهڙا آثار ٿي ڏنا جڻ ڪن ڪلاڪن
جي اندر هن جي چهري جي مکڙي مرجهائجي وئي هجي.

... ...

ٻئي صبوح جو منوهر ڪسي هيڊ ماستر
جي ڪوٺيءَ ۾ سڏ ٿيو. جڏهين هو ڪوٺيءَ کان ٻاهر
نڪتو ته سندس چپن ۽ پيشانيءَ تان رت وهي رهيو
هو. سندس چهرو ڪوئلي موافق ڪارائجي ويو هو ۽
سندس پوري بدن مان ڪنهن جڻ رت چوسي ورتو هو.
هن جو ڪند هيٺ هو. ڪيس ياد آيو ته پاڻ منوهر جي
انتظار ۾ سڪول جي پوئين پٽ کي ٽيڪ ڏئي بيٺو هو،
چاڪاڻ ته کين پروين ته اڳ ۾ ئي ٻئجي ويا هئا. منوهر
اونڌي ڪنڌ اچي سندس ڪلهن تي ڪريو هو ۽ ننڍڙي
ٻار وانگر سڏڪا ڀري رڻ لڳو. پاڻ گونگا ٻوڙا
ڳالهائيندي، منوهر کي ڪلهي تي کڻي سڪول جي حاطي

کان ٻاهر آندائين ۽ کيس سائيڪل تي وهاري گهر ڇڏيائو
هئائين. ان تي ڏيهن منوهر ستري داخل ٿيو. گهر ۾
ٻڌايائين ته هو سائيڪل تان ڪريو آهي، پر ڳالهه ته وح
وانگر ڦڪڙجي وئي. هن کي بخار آيو، جو وڏي مدي
جو بخار ٿيو. مدي جي بخار ۾ هو ابترو وڦلندو ۽ رڙيون
ڪندو هو، جو سندس مائٽن جي ڳلن تان آلسون سڪندا
ئي ڪين هئا. ڏيڍ مهني جي بيماري کان پوءِ هو ستري
تان اٿيو پر منوهر ساڳيو منوهر نه رهيو. ان ڏينهن کان
پوءِ هو وري سڪول ۾ نه آيو. هو ڪنهن سان به ڳالهائڻ
نه چاهيندو هو. مائٽن جي ويجهائي پسند نه ڪندو هو.
ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڪيلو ڪنڊائين الوپ ٿي ويندو
هو. هن جي منهن تان مرڪ غائب هئي. ڪڏهين سندس
منهن تي منڪ ڏسي ته سندس چهرو بلڪل
اڌيسه معلوم ٿيندو هو. ڪڏهين ڪڏهين منوهر کيس
ملندو هو ته هڪڙي اکين مان آنسون اوڇي ايندا هئا.
ٻاڻ کيس دلاسا ڏيندو هو ۽ سمجهائيندو هو. منوهر
خاموش ٻڌندو رهندو هو ۽ پوءِ اوچتو اٿي هليو ويندو هو.
۽ ڪوبي؟ ان ڏينهن کان پوءِ ڪوبيءَ کي
وري ڪنهن نه ڏٺو. هن وري سڪول ۾ پير نه ڌريو،
الين چيو ويندو هو ته کيس ٻاٽي گهر موڪليو ويو آهي
۽ الين ته ٻڌو هو ته ان ڏينهن کان وٺي هن ڪنهن سان
ڪلي نه ڳالهايو. سندس شوخي ختم ٿي چڪي هئي. هوءَ

ڪنهن درد جي هيٺ ڪوهي گهمندي هئي. هن گهڻو
ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هو، اڪيلائي پسند ڪندي هئي.
ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪئي هنڌ ڪنهن ويچار ۾ ٻڏي
پئي هوندي هئي. ڪڏهين ته سندس اکين مان ڳوڙهن
جي ڌارا ڦٽي نڪرندي هئي ڇائين ۽ ٻڌو ويو ته سندس
زوريءَ شادي ڪرائي وئي، جنهن کان پوءِ ٿوري وقت
۾ ٿي هوءَ......

سڪول جي گهنڊ پنهنجي سيني لـي
لڳندڙ ڏکن کان اهڙي زوردار ڇيخ ڪئي جو هن کان
ڇرڪ نڪري ويو. رسيس ختم ٿي چڪي هئي. هو
ڪرسي ڇڏي اڻ اختيار ڪلاس طرف وڌيو. ڪيئن ۽
ڪيڏي مهل ڪلاس ۾ گهريو، انهن جي سمجهه ڪين نه
رهي. هو ننڊ ۾ گهمندڙ شخص وانگر پئي لڳو. ڪلاس اندر
گهڙڻ سان زور سان رڙ ڪيائين، ”منوهر!“ سڀني ڇوڪرن
کان ڇرڪ نڪري ويو. هن ماستر جو اهڙو انوکو روپ
ڪڏهين ڪين ڏٺو هو. هو منجهي پيا.

ڪجهه پلن کان پوءِ هن پنهنجو ڪنڌ
ڌوڻيو. هاڻي کيس معلوم ٿيو ته هو ڪٿي آهي ۽ ڇا
ڪري رهيو آهي. هن محسوس ڪيو ته دل جي پيڙا
هيٺ هو سڄو ٻڌ ئي پيلائي ويو هو؛ پنهنجي دل جي
اندر درد سمائي نه سگهيو هو. هن پنهنجي هٿ وارو
ڪاغذ مروٽي سروٽي دريءَ کان ٻاهر اڇلايو ۽ ڇهن ۾ پڻ پڻ
ڪري، هڪ ٿڌو ۽ اونهو ساهه ڀري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

رات رهندي نہ سدا....!

هري- دلگير

رات رهندي نہ سدا، ڄاڻ ڪٿي، جاڳ ڪٿي،
جاڳ اوڀر مان اڀرو اسور ڇٽيو، پوهہ ڦٽي.
۱- ڪنهن قالر اسير سدا، ڄاڻ نہ ديوار ٽٽي،
جاڳ زنجير ٽٽو، جاڳ وڃو قيد ڇٽي.
۲- جنگ ڪالهون هو وڙهي ڪن، نہ نہ ڪي ڳهڪهہ ليڪن،
پر ڪاون جي ڀلا ڪڏهن ڪٿي اوڏجي نہ ٽٽي؟
۳- لي نہ مايوس اي انسان، جو ستمہ وندو سرڪ،
ڏس اهو آئو اڄوو، ڄاڻ نہ مڪڙي نہ ڦٽي.
۴- تل اوان لڙي اسر، ڪلهن ہ متان خون شهيد،
موت کان جان نہ صياد ستمر سخت گهٽي.
جاڳ اسو لڪا ۽ بوسور، سڳو ساوا آسيا،
اوہ مان آڪاس جسي آ ٻوت ڇٽي.

ـــبــن نـظـر

موهن ڪلپنا

راتہ جو مٿن ڪان
لٿي رکي، لڇمڻ ساٿيءَ جو
'ساهيڙي' پڙهڻ شـــروع
ڪيو هيم، جو وچين پيڻ
پاڻيءَ کي چيو، "پاپي! پاڻوءَ
مٿن ڪان لٿي رکي آهي."
پـڙهـڻ تہ هـــر راتہ
ٿيندو هئو، ليڪن ان ڏينهن
'سٽي بس' جي خراب ٿيڻ
سبب ڊگهو مفاصلو پند ئي
طئہ ڪرڻو پيو هئو، انڪري
ٿي ليٽي پڙهي رهيو هئس؛ آرام ڪرسيءَ مـــان پورو
آرام نٿي آيو.

ناول بند ڪري مون وچين پيڻ کي سڏ ڪيو.

مونکي ٽي پيٽر آهـــن. ننڍي ۽ وڏي، ٻئي
چـالاڪ آهن؛ انڪري مان انهنٽي ايترو ڌيان نـــہ
ڏيندو آهيان، جيترو وچينءَ تي. اُن ڏينهن مون لڏهٽن
پيٽرن کـي گهرايو. پڇيومان، "پڙهي لـکي ڇا ڪرڻ
گهرجي؟"

وڏيءَ چيو، "نوڪري."
ننڍيءَ چيو، "شادي."
وچين اهڙي ڪجهي، جهڙي ٻت.

وچين ستن سالن جي آهي، هڪ کان ٻه سال وڏي، ٻيءَ کان ٻه سال ننڍي. مونکي هڪ ٻه اهڙو ڏينهن ياد ڪونهي، جڏهن مون ڪنهنکي ڇڙٻ ڏني هجي؛ هيسيل ماڻهوءَ جي اصليت هميشه ڍڪيل رهندي آهي؛ اوچي سطح جي ٻڌي ڪنهن وٽ هجي چاهي نه، ليڪن جيستائين ساڌارڻ گيان جو واسطو آهي، ٻنهيجي شخصيت اپارڻ لاءِ آلم وشواس ۽ ساهس ني گهرجي. مون. وچينءَ ٻڇڻ کي اهو انجام ڏيڻي جڏيو آهي ته هوءَ جڏهن ٻه مونکان کو سنو سوال پڇندي، مسان ڪيس نکو خرچي ڏيندس. رٻس وچان ٻنهون پيمر ٻه سوال پڇندئون آهن ۽ مان انهنکي ٻه خرچي ڏيندو آهيان؛ جو ننهين ٻيهرن ۾ حسد جو وڪار ٻيدا نٿي، الڪان خبردار آهيان. وچين هاڻ گهڻو ڳالهائو ني ٻيڻي آهي. مونکي، بيوقوف جهڙو مهن ٻڻائي چپ رهندڙن کان، سياڻن جهڙو مهن ٻڻائي ڪڪ ڪندڙ وڏيڪ وڻندا آهن؛ انڪري وچينءَ جو گهڻو ڳالهائڻ ٻه وڻندو الم.

شام جو جڏهن آفيس مان گهر موٽيس، وچينءَ ٽاڙيون وڄائيندي چيو، "ٻاٻو اچي ويو!" وڏيءَ ڏانهن مڙون ري چيائين، "ٻاٻوءَ جي عمر وڏي آهي."

"ڇو؟"

"هاڻ تنهنجي ئي ڳالهه پئي هلي."

"۽ جي مان هاڻ نه اچان ها ته؟" مون پڇيو مانس.
وچين جواب ڏيئي نه سگهي؛ وڏي چيو، "ياتو
اسين توکي ٿورو ئي ٽڪو خرچي ڏيندياسين جو اسانکان
سڄو سوال تو پڇين؟"

مون ٻاهران کليو، ليڪن اندر ۾ چيم: "خوب!"
ننڍي چيو، "ياتو مونکان جيڪڏهن سڄو سوال
پڇي، ته مان جيڪر هاڻ ئي پڌري مان ٽڪو
ڪڍي ڏيانس."

"۽ تون ڇا ٿي چوين؟" وچين کان پڇيم.

"ياتو، تنهنجي جنڪيت ۾ ڪوليون پئجي ويون
هيون؛ ڀاڀي اڄا هاڻي اُنکي وڏي مورت تي ٽنگيو
آهي."

۽ مان ڪيسي مان ٽوٽون ڪڍي......

مون ٽنهي کان اٿي ابرار رکي هٿي، وچين ڀاڀي
جو ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو؛ مون وچين کي
ڀاڻ وٽ گهرايو.

هوءَ آئي، پلنگ تي ويٺي. ٿوٽنيون منهنجي ڇاتيءَ
تي، ۽ منهن پنهنجي ٽرين جي آڌار تي جهڪائي،
مسڪرائي، چيائين، "ياتو، اڄ تون مونکان سوال

پڇندين ڇا ؟ ٻر منهنجو پيارو خالي اٿئي. ٻاپي سا
ست آنا ني اڌارا ورتا آهن."

"ٻوء تو هنڪي ڇو ڏنا؟"

"ڇياڻين، ٻهرين تاريخ تي ٻارهن آنا ڪري
ڏيندي سانء."

"ٻ جي نه وٺيئي ها نه ؟"

"ته اڄ مان توکي ضرور اڪو ڏيان ها."

"ڇاڪاڻ ته ڇا اٿين تي سمجهين ته مون توکي
اڪي لاء کڙايو آهي ؟"

"نه."

"ڇاڪاڻ ؟"

"تون موڪان سوال پڇندين نه ؟"

"سوال نه مان روز پڇندو آهيان."

"پوء توکي روز روز توروٽي اڪو ڏيندا ٻولسن.
اسانکي ملي ٿي ٽڪو اڪو خرچي."

"ڇڪو ڇڏ انکي. ٻڌاء مون ڪان ٿتي رکيا ۽ ڇا
ليندو آهي ؟"

هن پاپيء ڏانهن نهاريو.

"ٻڌاء نه !"

"پاپ اڪيلو آهي !"

"۽ پاپ ڇا آهي ؟"

مان ڄاڻندو، ان سوال جي جواب ۾ وڏا وڏا گرنٿ
رچيل آهن. ۽ اهو سوال هڪ ٻار کان پڇڻ شايد ڪن
کي بيوقوفي ئي لڳي، پر اصل ۾ ٻاپ جـــي روپ کي
وسارڻ نه گهرجي. جيترو گيان وڏڪ هوندو آهي اوترو
ٻاپ جو دائرو وڏو نظر ايندو آهي؛ انڪري ڪو چاهي
ته انجو ننڍو روپ پڪڙي، پنهنجي ننڍي دنيا سان
لڳائي سگهيتو.

"ٻڌاءِ ته، ٻاپ ڇا آهي؟"

"الائي."

"پوءِ تو ڪيئن چيو ته مون کان اتي رکڻ ٻاپ آهي؟"

"پاپي جو چوندي آهي." هـن ترت جواب ڏنو ۽
انهن چئي اٿڻ لڳي.

"اِت نه، ويهه!" ٻانهن کـان پڪڙي ويهاريندي
چيو ماس، "ٻڌ ڇوري، ٻاپ معنيٰ خراب ڳالهه! تو ٻڌو
آهي، ماڻهو چوندا آهن چوري ڪرڻ ٻاپ آهي؛ ڇو جو
بري ڳالهه آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ ٻاپ آهي، ڇو جو ڪوڙ
ڳالهائڻ بري ڳالهه آهي. هاڻ ٻڌاءِ ته مون کان اتي رکڻ
ٻاپ ڪيئن ٿيو؟"

"پر پاپي جو چوندي آهي."

"چڱو ٻڌاءِ، سامهون پٽ تي ڇا ٽنگيل آهي؟"

"جهڪيٽ."

"ڪڏهن تي ٽنگيل آهي؟"

"مورت لئي."

"ڪنهنجي مورت آهي اها؟"

"جواهر لعل نهروءَ جي."

"نهرو ڪير آهي؟"

"پاڻ لوڪي نہ خبر آهي نہ؟"

"نہ لوڪان جا وسري ويو آهي؟"

"نہ پاڻ،" هن اکيون مڇڪائيندي چيو، "نهرو مهاتما گانڌيءَ جهڙو وڏو ماڻهو آهي."

"لوڪي اهو سڌو لڳندو جو نهروءَ جي مورت مٿان اهو پکهر وارو جئڪيٽ ٽنگيل هجي."

"ها."

"ڇو؟"

"ڇو جو خراب ڳالهہ آهي."

"نہ اهو ٺيڪ پاڻ بہ ساڳي ڳالهہ ضروري نہ آهي نہ سڀني کي خراب لڳي. پاڻ کي اها ڳالهہ جيڪڏهن خراب لڳي ها نہ هوءَ نهروءَ مٿان ڪڏهن بہ اهو جئڪيٽ نہ ٽنگي ها." ائين چئي آلي مورت تان جئڪيٽ لاهي ڪليءَ بہ ٽنگيم ۽ پوءِ ورپ ليٽي پيس.

"هاڻي سمجهه نہ، مٿن ڪان ڪا پاپ نہ آهي. اڄ تو چيو، ڇو جو منهنجي ڳالهہ اکثر ۽ مان آيس، انڪري منهنجي عمر وڏي آهي ۽ جيڪڏهن ان وقت نہ اچان ها ته؟ نہ تون چئين ها، منهنجي عمر ننڍي آهي؟ وري ائين نہ چئج."

”پر پاڻو، پاپي ڇو انهن ڇوڙدي آهي؟“
”پاپيءَ کي وري سندس پاپيءَ انهن سيکاريو هوندو.“
هوءَ وڇڻ لڳي.
ناول ڪٽي ان جا ورق ورايم مس جو وري موٽي آئي. سندس منهن تي پريشانيءَ جي جهلڪ ڏسي واڻو ئي ويس. هوءَ پاسي بڙ ئي ويٺي ۽ مون سندس پاسي ر ناول اڇو رکي، مشڪي پڇيو، ”ڪجهه پڇڻو اٿئي؟“
”هڪ ڳالهه پڇائيندا؟“
”سوال پڇ، سڄو هوندو ته ڏکو مندو.“
”نه پاڻو......“
”ڇا نه؟“
”مان ڏکي لاءِ سوال نٿي پڇان.“
هنکي ڏکي جو لوب نه آهي،...... ها اوپ هوءَ ڪجهه ڄاڻڻ، ڪجهه پاڻڻ چاهيئي، من- پيما جي هرڪار انوکي سُر سان وڄي اٿي.
”چڱو چڱو، پر پڇ نه سهين.“
”پاڻو ڪوڙ ڳالهائڻ پاپ آهي نه؟“
”ها.“،
”۽ سچ ڳالهائڻ؟“
”پڇ.“
”پوءِ ڪالهه پاپيءَ مونکي مار ڇو ڏني؟“

”ڇو ڏني؟“

”ڪالهه سانجهيءَ جاءِ ۾ ليل جي شمشي ڀڃي پيئي-
پاپيءَ کي ڪنهن ڪونه ٻڌايو ته مون ڀڳي آهي. پاپي
مونکان ڀڄيو؛ مون سچ ڳالهايو. مون سچ ڳالهايو، پوءِ به
پاپيءَ مونکي مار ڇو ڏني؟ چيائين: 'تون انڌي آهين.'
ٻانوڻ سان جي ڪوڙ ڳالهايان ها ته پوءِ پاپي ڪڏهن ڪي
ماري ها؟“

هڪدم ته جواب ڏيئي نه سگهيس.

”ٻڌاءِ ته ٻانوڻ، سچ ڳالهائڻ جيڪڏهن پاپ نه آهي،
ته پوءِ پاپيءَ مونکي مار ڇو ڏني؟“

”پاپيءَ توکي سچ ڳالهائڻ ڪري نه، نقصان ڪرڻ
جي ڪري مار ڏني. ٿورو سوچ، جيڪڏهن تون ڪوڙ
ڳالهائين ها ته پاپي ٻرآيو توکي نه ماري ها؟ پر پاپي
غصي نه ٿئي ها؟ اهو غصو لهي نه وڃڻو آهي؟ ٻئي
دفعي جيڪڏهن تنهنجو ڪوڙ ظاهر ٿي پوي ته؟ ڇو
ٻئي دفعي گهر ۾ جيڪڏهن آٿا يا لٽا نقصان ڪري؟
اهي ۽ ڪوڙ ڳالهائين؟ اهو ڪوڙ ظاهر ٿي پوي ته؟-
ته تنهنجي ڪوڙ وارو غصو به پاپي انهن مان ڪڍندي.
آسين ڪوڙ ڳالهائي، ٻاڻ؟ ٻين کي تڪليف ۾ ٿا وجهون.
ٿورو وڌيڪ سوچ، تنهنجي مار آٿا کي ٿي ملي، آٿا
کي خبر ٿي پوي ته نقصان تو ڪيو آهي، پوءِ هوءَ توکي
ڇا ڀانئيندي؟ ڪوڙ ڳالهائڻ مان ٿوري وقت لاءِ فائدو

بشير موريائي

منهنجا معصوم خيالو ترسو!

منهنجا معصوم خيالو ترسو!

چؤطرف آهي اڃا بس اونداهه
ختم ٿي ناهي اڃا ڪاري رات
ڪانه ڏسجي ٿي ڪٿي ڪائي راهه
روشني آهي اڃا لاکن مسافت
سج ڪٿي ڪانه ڪڏي آهي ڇو؟

منهنجا معصوم خيالو ترسو

جيڪو مفلس هو سو اڄ پيو آ غريب
جيڪو هوبهو هيو، آ هو باد
ڪو نه چمڪيو آ غريبن جو نصيب
ڪو ٿيو ناهه غمن کان آزاد
زندگي آهه اڃا تائين عذاب
هڪ سوال اهڙو، نه آ جنهنجو جواب
ڪا گهڙي اُن تي نه ويچار ڪريو
منهنجا معصوم خيالو ٻُڌو!

اڄ نه سستي ٿي وڪامي عصمت
اڄ به پامال جواني آهي
ڪانه بدلي آ اسانجي قسمت
پنهنجو ماحول ڦريو ٿي ناهي
اڄ نه دل کي نه سڪون آهي ڪو
منهنجا معصوم خيالو ٻُڌو!

سڪون = آرام

آهــن اڪ اڪ ۾ اچا ماڪ ڦڙا
آهي دل دل ۾ اچا لائين غم
آهي وڳ وڳ ۾ سمايل چا چا ؟
راڄ، محرومي ۽ افلاس الــم
اچ اــ ڏيون لـي پيو ڏاڍ ٿٿي
اچ اـــ محڪوم پيو ظلم سهي
آهـو آزاد اوهــن ؟ غـــور ڪريو
مهڄا معصوم خيالو ٿيو !

هڪ طرف رزق کان محروم انسان
ٻئي طرف ڪيئي الن جا انبار
هڪ طرف لاغر و مغموم انسان
ٻئي طرف آهي مسرت جي بهار
هڪ طرف ڏهن مثل دل خالي
ٻئي طــرف دل ۾ امنگا بيدار
هـڪ طرف روح ستل اڪ آلي ·
ٻئي طرف دل ۾ امنگن جو ابار
هڪ طرف روح غمن جو آ ڪاچ
ٻئي طرف ذڪر الم آهي اڪاح
سوچيان لـــو ل الين آهي جو !
مهڄا معصوم خيالو ٿيو

افلاس = غريبي الم = ڏک لاغر = هيڻو
اڪاح = اڪاح = بيڪار

هڪ طرف اک ۾ آ ٿو لهراڻي غم
ٻئي طرف دل ۾ سمائي آ خوشي
هڪ طرف روح ۾ ٻڪو هردم
ٻئي طرف زندگي رنگين بڻي
هڪڙي طبقي کي ٿي تعليم ملي
پيو رهي جهلُ جي اونداهه ۾ ٻيو
هڪڙي طبقي کي ٿي تعظيم ملي
ٻئي کي پستيءَ ۾ سدا ڏٺجي پيو
ايترو فرق ڀلا ڇو؟ سوچيو!
مهنجا معصوم خيالو ترسو!

ڇو ٿا ناحق ٿيو ترانا جو شڪار
منتظر آهي توهان لاءِ بهار
باغ دنيا مان خزان جاڳ وڃي
ٻهڄي ڌرتي جا نگهبانو اٿو
وک وڌايو، نه ڊڄو، اڳتي وڌو
موت نه مدت کان نه مرڪيو آهي
موتکي ڪجهه دير ڏرا مرڪڻ ڏيو!
مهنجا معصوم خيال ترسو!

جهلُ = اڻڄاڻائي تعظيم = عزت، وڏائي
پستي = هيٺاهين.

رنلوي ذنتر ۾ اوکري
ڪندي ساوتري ۾ کي پريا
٦ سال گذري ويا. سندس
سياءِ رنلو ملڻ ۾ ڪامڪ هو.
سائينءِ سواهن ڏني هيس
ڏ سبر دمه ۾. سيڪو ڪيس
پيار ۽ عزت ڏيندو هــو.
سندس آئيـس ۾ هڪ
رنگروٽ لــازو پرلي ٿيو.
شڪل جو ناهوڪو ۽ سلي
گهراڻي جو لي لکو. تنهن
شڪل آئيس ۾ آلي هئي.
ساوتري ڏااهس رکي رکي
تهاري رهي هئي. جڏڪري
پڻ آهو ڏسي ورلو سوناهارڻ
ڪـان ڪيتن لو ٻاڻ اسلـي
سگهي. خبر لڏهن پيئي جو
ساوتريءَ هڪ دنعو ٿـي
تهارلو ڏ هـن ڏ هـ دنعا.
ڪجهه ڏ يهن اهڙي طرح
هي هڪ ٻئي ڏااهن تهاريندا

هـرلـي

رهيا. ڇوڪري جي من ۾ پيار جو طوفان شروع ٿي
ويو ۽ مگر هيڏانهن ساوتري ذرا ڏنگ اچي ويئي. دل ۾ چوڻ
لڳي ته هي ته ڪڪر پيدا اڀريا. هڪ ڏينهن آفيس
جي ڪم سان کيس ڇوڪري وٽ وڃڻو پيو. ڇوڪري
ڏانهس نهاري مشڪيو ۽ ساوتريءَ به ساڳئي نوع ۾
کيس جواب ڏنو. هاڻي ته ڇوڪري کي پڪ ٿي ته
ساوتري لازم کيس چاهي ٿي. ساوتريءَ کي پڇا مان
معلوم ٿيو ته هو ذات جو پارسي هو ۽ نالو هوس دستور.
سکر. ٻئي ڏينهن ساوتري جئن آفيس ڏانهن اچي
رهي هئي ته دستور اڳئي دروازي وٽ هڪيو ٻڪيو
بيٺو هو ۽ کيس پريان ئي ڏسي کيڪاريائين. ساوتري
به کيڪاريندي آفيس جي اندر گهڙڻ لڳي ته دستور
پنهنجو هٿ ٻگهيڙي ڪڍي ڏانهس ڪيو. سندس هٿ
۾ هڪ نيل لفافو هو ۽ هن اکين سان ساوتريءَ کي
لفافي کڻڻ لاءِ اشارو ڪيو. ساوتري لفافو کڻي رجسٽر
تي صحيح پائي سڌو وڃي پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺي.
ٿوري دير کان پوءِ هن خبرداريءَ سان لفافو کوليو ۽
سڄي ٽائيپ ٿيل مضمون مان واقف ٿي، ذرا مشڪي ۽
پوءِ جلدي گهبير ٿي ويٺي. لفافي ۾ ٻيو لب ڪجهه نه
لکيل ڪونه هو باقي درد جا داستان ۽ پريم جي پيچيدن
پيچرن جو اظهار ٿيل هو. دستور به انتظار پريءَ نگاه سان
ڏانهس تڪيندو رهيو. جڏهن سندس منهن تي مشڪ

ڏٺائين لڏهن وچ ساهه ۾ ساهه پيس. پر وري جڏهن
ساولي ڪيس لي وئي ۽ ايتري قدر جو ڏانهس تهارڻ
۾ به دير ڪري ڇڏيائين لڏهن سندس دل ۾ الله مالڪ
شروع ٿيڻ لڳي ڏڙڪڻ پيدا ٿيڻ لڳس، ايتريقدر جو
ڊپ کان پسيو اچڻ لڳس ته متان ساولي جنهن
باهه ڪنهن انسر سان ڳالهه ڪري وهي ۽ ڪيس لڱين
ملول لوڪري. ٿان ۾ هٿ ڏونٽا پون. پر سک سان اهو
ڏينهن گذاريو. پيو ڏينهن ۾ انهن ڪنڌري واو. ٽئين
ڏينهن هو جمع. سو آئيس پڻ نيٺ کان ٿورو اڳ
ساولي موقعو وٺي دستور وٽ وئي. خوش خيرعافيت
ڪرڻ کان پوءِ ڪيس چوڻ لڳي، "مون سياڻي لاءِ ميترو
۾ منٿي شو مون ٽڪيٽون رزرو ڪرايون آهن. جي
توکي ڪو اعتراض نه هجي ته سياڻي اسين اچڄ. مان
آئيس ڇڏڻ ڪانهوءِ پئي هتان ئي اچي ايندس."

دستور کي بيو ڇا ڪهڻدو هوءِ هن جي ته پڳوان پڏي
اندو ڳهري هڪ اکر الهه ڏنيس پر سو هڪدم جواب
ڏنائين، "مان ضروري ايندس. مونکي چئين ها ته مان
ئي ٽڪيٽون رزرو ڪرائي اچان ها."

"ساڳي ڳالهه آهي،" ساولي جواب ڏيندي
وئي.

ڏينهن دستور پيچيجي پيٿرن پوشاڪ ۾ آئيس
۾ آئيس ۾ وهٽو خوس سوڻ وڏي پيس

ٿر ڪيڙي ۽ ٻئي ڪوڙ بال ڏاڍيون نهار بائين. وس پڇيس ها
نہ جيڪر ڪوڙ بال جيا ڪارا ڦيرائي هڪدم آئيس ٻند
ڪرائي ها، پر لاچار هو. آخر سندس من ڪهڙي ڪهڙي
آلي. آئيس ٻند ٿي. ساوڙي ڏاڍس راز ڀري نگاه
سان نهاري هلي وئي. دستور کي مجهند جي ماني ٻہ
اڀار ڪونہ وڻي سو جنن لٽن پوري ڪري، وڃي ميڙو
جي پاهران ويٺو. هن جي اندر ۾ هڪڙا آڌما ٿي اُٿيا
۽ پيا ٻئي ويٺا. خيالن مٿان خيال. انتظار ۾ هڪ هڪ
پل ۽ سندس لاءِ هڪ هڪ ڪلاڪ اڀار هو. ٻہ چوندا
آهن تہ :-
'جو مزا انتظار ۾ هئي، وہ نہ وصل يار ۾.'
پر هن انتظار کيس بيقرار بنائي ڇڏيو. سمجهائين تہ
شايد کيس دوکو مليو آهي. پڪڙ چاو ليٽا ۾ ڀاڳي
وڃي سڀ ڏسڻ منٽ اچيا ۽ هن جي چپن مان اهي بي
اختيار الفاظ نڪري ويا:-
'ميري من کي ڪلي مرجها گئي، ڪيا تو نہ آئوگي؟'
تہ اتري ۾ هڪ نڪسي اچي سندس سامهون بيٺي
جنهن مان هڪ جوڙو لٿو. هڪ هو سهڻو نوجوان ۽ ٻي
هئي ساوڙي.
دستور جون ٻہ ۽ ولون لڳي. چهرا ڏولون. منهن جو
پور ٿي لهي ويس. دستور خيال ڪيو تہ جا کيس سڃيبما
ڀڃڪڙ ۾ ڏير ٿي جو ساوڙي کيس نہ ڏسي ٻئي ڪنهن

ڪنهن ساڻ ولي ڏاڍي آهي؟ هن جي دل ۾ چوٽ لڳو ته چوڪريون ته ڪمال ليون ڪن. ڪيترن سان ليون رستو وڪنا ٻر ساوڙي اڳيان وڏي اچي چيس، "اسانکي نوري دٻر لي وٺي آهي سو معاف ڪجو. هاڻي جلدي هلو ٻڪڙو چالو ليڻا ۾ هوندي." ڪجهه ته وڌ ٻڪ ڳالهائڻ ڪالسواءِ ليڻي وڃي ستنيما هال ۾ ويٺا. ساوڙي ۽ دستور جي وچ ۾ لڳن صورت ٻڌهڙي جڳهه والاري. دستور ته اندر ۾ ٻاهري رهيو هو ۽ جيسين اڪڙو چالو ٿئي تهن نوري عرصي ۾ هن دل ۾ سوچڻ لڳو، "هي ڇا آهي؟ ٻرام! ڪين ٻرام جي ڪلي ۾ عزلي!! يا مٺس هڪ وڏي للواي!!! نس، نه، اهين ڪيئن هوندو؟ ساوڙي ته هميشه ڏاڍهس ٻرام سان ٿي ته ڏسندي هئي. ٿي سگهي ٿو ته شايد هي ٻرام ۾ رکيو وجهندڙ ڪبس رستي ۾ ملي ويو هجي ۽ ساوڙي ته ڪالڪس ڪند ڪيائي ڪولو سگهي هجي. ٻيو وري خيال آيس ته ڪيترن ئي اڳم لي رازوڻ ليل هيون. ڪيس ڪجهه نه سمجهه ۾ ٿئي آيو. سڀ هڪ ٻرولي لي پاسيس. وري پنهنجي سوال کي پاڻ جواب ڏيڻ لڳو ته مبادا اسانکي ڪير ساوڙي جي ذات وارو ڏسي ولي لهڪري هي ۽ چالاڪي ڪري هي نئون ماڻهو ساڻ ولي آئي ٿي ڏسي. هي اچا الائي ڪيترا خيال ڪندو رهي ها، ته ۽ هي آواز سندس خيالن جو سلسلو ٽوڙي

چڙيو. ساوڙيءَ چيو، "اهو ته مونکان وسري ويو، مسٽر
دستور! مون ته توکي سڃاڻپ ئي ڪونه ڪرائي. هي
آهي مهنجو پتي ديو. تنهنجي پراڻي مون اڳ ۾ ئي
ڏيئي ڇڏي آهي."

ٻنهي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريو. پوءِ هي هو پوڻون
ته ڪ جنهن هٽي اڳ جي پتي پڇي ڇـڏي. دستور
پنهنجي خيالن ۾ غلطان ٿي ويو. ڪيس اهو وسهڻ ۾ ئي
نه ٿي آيو ته ڪو ساوڙي شادي شده هوندي. جي
هوندي به ته مون سان گڏ ڪيس ڇو وٺي آئي؟ گهڻي
ويچار ڪرڻ کانپوءِ ڪيس اندازي ۾ هڪ اميد جو ڪرڻو
نظر آيو. سو هو ته ساوڙيءَ لاشڪ پنهنجي هوشياريءَ
سان مون کي اُلو بڻايو آهي. دل ۾ چوڻ لڳو ته ڪوئي
مڪر ڪـرڻ ته سکي ٿي زالن کان. سڀ سان ڪيل پورو
ٿيو. ٽيـئي ٻاهر آيا. ساوڙيءَ جو گهوٽ ٻنهي کـان
موڪلائي ۽ ساوڙيءَ کي چوندو ته مان ٿورو دير سان
گهـر ايندس، هليو ويو. هاڻي دستور کي يقين ٿيو ته
جو پاڻ آخرين خيال ڪيو هئائين، سو ٺيڪ هـو. اُن
اسٽينڊ ڏانهن وڃڻ ڏي دستور، ساوڙيءَ کي چيو، "جي
مون سان گڏ ڪڇر ٿي وڃڻو هوءَ ته مونکي ٻڌايو ڇو
ڏنهِ؟ خواه مخواه ڪنهن جي اي عزتي ڪرڻي! ايترو
به وقت ڪونه مليو جو اسين هڪ ٻئي ۾ ايترا..."

ساوتري‌ءَ کيس اڌ ۾ روڪي چيو، ”بس، اڳتي نه لي‌ءِ. مومل ڀلا نه مون سان ڳڻ ڳنڍڻ ۾ ڪو اهم آهي ڇا؟ ڀلا هڪ ٻئي شادي شده عورت کي ڪورجي نه پهنجي ڀيڻ سان ڳڻ ٻاهر کهڻ لڳي. مومل نه لو ڇوڙن ڇوڪرن جي منورلي‌ءَ لي عجب تو لڳي. تون اسان جي آبس ۾ نتون ٻولي لسي آئين ؟ هو ڄاڻي لاءِ نه تون ڪير آهين، ڪهڙي ڄاڻي‌ءَ جسو آهين، مون کو ڏانهن ٻه چار دفعا ليا ٻيو ۾ ٻر تو ماڻهن الٽو مطلب ڪڍيو، اهڙي قدر جو ٻيا سوچ ويچار جي تو مون ڏانهن خط لکيو. ڪهڙي سبب ؟ لهنجي خط پڙهي سان مومل غصو يا ڪاوڙ ڪرڻ لڳي، ۽ لهنجي خيالات لي قياس ۽ وهم لي آيو ۽ ٻڪران ڪان اهو سوال لي ڪير نه، اي ساتين، تو دستور جيڙن السان کي اها سمجهه جسو ڏني آهي جو ڪنهن جسي نه معصوم مسڪراهٽ، لسردوش اکاهه ۽ ٻولو ٻاوتا ۾ نه شيطاني نُڪو نا ڏسن !“

ساوتريءَ اڃا اهي لفظ چيا مس نه دستور جي اکين ۾ شرم وچان پاڻي ڀري آيو. اهو ڏسي ساوتري هڪدم ٻالهه ڦيرائي چيو، ”تون منهنجو ڀاءُ آهين. السان کان ٿيسي غلطيون ٿينديون آهن. ڀلا ڪيتر سلي هئي؟“ ابوڻ اکرن دستور جي من ۾ ساوتريءَ لاءِ السي

شردا پيدا ٿي ۽ من ئي من ۾ ڪيس نمسڪار ڪرڻ لڳو. ٻار کي چوڻ لڳو ته اهڙي ٻولڙ ديويءَ جي چرڻن جي ڌوڙ جي سندس مستڪ کي نصيب ٿئي ته هو ٻار کي ڀاڳوان سمجهندو. ايتري ۾ اس اچي وئي. ساوتريءَ، دستور کي چيو، "منهنجي گهر هل، اڳو ٻوء چانهه پيئندو وڃ."

دستور انڪاري جواب ڏنو ۽ ساوتري ڪانئس موڪلائي هلي وئي. اهو ڏينهن اهو شينهن، دستور ٿوهه ٿي ۽ نيٺ پلي ٻار آيو...... ان بعد ڪيس هرڪنهن ڇوڪريءَ ۾ ساوتري ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي.



"حليم انسان ئي سچ پچ شڪتشالي ٿي سگهي ٿو ۽

سچي شڪتي رکندڙ انسان ضرور حليم هوندو."

آنچل

❊ يادِ پِيا جيِ آئيِ ❊

رات چانڊني ۽ خاموشي
دل لي جا ڇانئي بيهوشي
دوُر فضا مان ڌيري ڌيري
لهر لهر کي ڇيڙي ڇيڙي
ڪوُڪ ڪوئل لوراڻي
ا جي آئي٠

اُڙن پَنن جي ساز تي ڳايو
ساجن آيو ڪي اس آيو
بادل جي سهڙي آنچل سان
ڪجهه مدهن اوڍي نَوورنيءَ جيان
چاندني هٽي شرمائي
ياد پِيا جي آئي.

تارن جوُن آڪاس ۾ ٽوليون
خوش ٿي کيلن آنکمچوليون
ڪڏهن چنڊ جومن هرڪائي
ڪڏهن چاندنيءَ کي شرمائي
تارن راس رچائي
ياد پِيا جي آئي.

اولهه ۾ چيا چنڊ ٻڏي ويو
دل ڪنهڙيءَ جو ٻند ٽڏي ويو
سورج جي پهرياني ڪرڻن ۾
آڳ لڳائي من ۾ تن ۾
جوت چڪور ٻجهائي
ياد پِيا جي آئي.

مان اڪيلو نه آهيان!

ڪشور "جيون"

ڪاليءَ ٻر، ڪرسيءَ تي
اکيون ٻوٽي آرام ولي رهيو
هوس جو اچانڪ ٽيليفون
جي ٽرڻ... ٽرڻ جو آواز
ڪن تي پيو ۽ مون من ئي
من ۾ ٻڙ ٻڙايو. "صاحبلوڪن
جي حڪم جو گهوڙو، وقت
ناوقت، سدا تيار آهي؛
وقت جو وقت ۽ آرام
ولڻ نه ڏيندا!" ڪندي
والي السپيڪٽر جي ٽيبل طرف نهاريم. ڪيس پهچي
ڪرسيءَ تي ويهي ڏسي، اطمينان سان اکيون وري
ٻي ڇڏيم. ٽرڻ...ٽرڻ جو آواز وڌندو رهيو ۽ السپيڪٽر
ڏڪندي چيو: "مسٽر ڪيهاڻي، ذرا ٽيليفون نه ڪڻجانءِ."
السپيڪٽر جي ناجائز حڪم لاءِ مونکي ملهان لڳي
اوڏي مهل آفيس جي پٽيوالي جا ڪالهوڪا اکر ياد
"مسٽر ڪيهاڻي، ڪاليءَ ۾ اٿي ڪندهن

جي پرواهه رکين يا نه... پر انسپيڪٽر کي راضي رکڻ به ڪٿر نه ڄاڻجانءِ!“ پٽيوالي جي لفظن به ازرگانه آزمودو صاف جهاڪا ڏئي رهيو هئو ۽ مون سوچيو- هن ڪالي به بدلي نئي صرف ۽ ڏيهن ٿيا اٿم ۽ انسپيڪٽر جي ان ناجائز حڪم کي رلڻا چڱو نه آهي.

رسيور ڪن سان لڳايم ته ڪنهن عورت جو سنهڙو ۽ مڌر آواز ڪن تي پيو- ”هلو........ مسٽر دارو والا پليز!“

”ڪا عورت اوهان لاءِ...“ مون انسپيڪٽر کي ٻڌائڻ چاهيو جو هن رسيور کي هٿ سان بند ڪندي چيو- ”کيس چئُج ته ڪونهي!“

انسپيڪٽر جي ناجائز حڪم تي مونکي ٻهريائين مستيان لڳي هئي ۽ هيئر عجب! عجب انڪري جو هن مونکي ڪوڙ ڳالهائڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪوڙ کي مان چرلر جي گراوٽ جو ٻهريون ڏاڪو سمجهندو آهيان، شايد ان ڳالهه جي کيس پوري خبر نه هئي. ڪن تي وري آواز پيو - ”هلو... مسٽر داروالا پليز... دارو والا!“ مون محسوس ڪيو ته آواز ۾ انتظاري هئي- پر مسٽر داروالا هيڏانهن، ڪرسيءَ ۾ مزي سان پاڻ کي هيٺ مٿي لوڏي رهيو هئو- مونکي سدس پاران ڪُوڙ ڳالهائڻو ئي پيو- مون چيو، ”مسٽر داروالا ڪونهي.“

”ڪيڏانهن ويو آهي؟“

”ٻاهر ويو آهي!“

”ٻه سندس روٽي جو ڊبو نه آفيس ۾ ايندو آهي نه. پوءِ......؟“

مسٽر دارووالا شادي ڪيل هئو، انهيءَ مولڪي سڌ هئي. هن ڪارخاني ۾ ڇهه سال ليا هئا ۽ خوش نصيبا شروعات ۾ مولڪي پنهنجي آفيسر هئڻ ڪري ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو هئو. آفيسر وقت وقت پڇندو مسٽر دارووالا ۽ پيا انسپيڪٽر، فورمين وغيره پيا ايندا هئا ۽ موارت ۾ سلام ڀريندا هئا. مسٽر دارووالا جو ســروش رڪارڊ خراب هئو ۽ ڪيتري وقت کـان سندس پروموشن بند هـو. آفيسر سندس ڪارن ڪارنامن جي ڪافي اوڳهڙ ڪندو هئو. ظاهر هئو ته هن سرڪار کي چڱي گهوٻي هڻين هئي. پر عجب هئو جو هن مهل تائين متاثرس ڪو به انتظامي قدم نه کنيو ويو هو. صـاف هو ته هو چتر، چالو پرزو ۽ وڏي پهچ وارو شخص هئو، جنهن سان ٻيا ڪهن سمجهه جي پيش اچڻ مان نقصان پهچڻ جو گهڻو انديشو هئو. ان عورت جي گفتگو مـان صاف ظاهر هئو ته هوءَ سندس گهر واري نه پر ڪا ٻي عورت هئي ۽ ان عورت سان هو ڪا چال چلي رهيو هئو.

ان عورت کي وڌيڪ ڪو به جواب نه ڏنـو مون وسور اهڙي رهي رکي ڇڏيو ۽ ان عورت پاڻهي وارتا

بند ڪئي- انسپيڪٽر اوچتو پڇيو-

”خبر اٿيئي ته ڪير آهي؟“

”نه... مونکي ڪجهه به خبر نه!“

”خير! ڪڏهين پتا پيندو سائين!“ چئي هو رهيو. پوءِ مشڪ مشڪي لڳو. انسپيڪٽر ۽ خاص ڪري اهڙي نالم ڪندي انسپيڪٽر ۽ منهنجي وچ ۾ ڪهڙي قسم ۽ ڪيتري حد وارو رستو هئڻ گهرجي ان کان مان اڳيئي خبردار هوس. ان ڪري مان سندس رهيو- پوري مشڪ جو جواب ڏئي نه سگهيس. پر اڄ ان انسپيڪٽر لاءِ مونکي ڪوڙ ڳالهائڻو پيو ۽ ڪوڙ ڳالهائي مون هميشه ائين محسوس ڪيو جڻ منهنجي چرڻ جي گراوٽ جي ڪڏ ڪوڙڻ جي شروعات ڪئي هجي ۽ پڻ ڏينهن ڪانئي ۽ پير پائڻ کان اڳ مون پڪو فيصلو ڪيو ته ڪوڙ بلڪل نه ڳالهائيندس.

۽ ان ساڳئي ڏينهن منجهند جي رسيس کان اڳ انسپيڪٽر سڏي چيو- ”مسٽر گيهاٽي! اڄ تون پلي سوائي ڪم ڪر.“ مونکي اهو سمجهڻ ۾ دير نه لڳي ته انسپيڪٽر ڪوڙ ڳالهائڻ جو عيوضو ”سوائي“ ڏيڻ رستي چڪائي رهيو هئو ۽ عيوضو چڪائيندي سندس گهران ته ڪجهه نئي ويو! پنهنجو سرڪار کي پرٽو هئو پوءِ هو ڪنهن کي نه خيرات ڇو نه ڪري- اهو ڪير ڏسڻ وارو هئو؟ مگر ”حلال“ ۽ ”حرام“ انهن ٻن لفظن وچ ۾ ئي ته انسان جي

ڇوڪر جي ٻڌڻ ۽ ڪراهت سماڻل آهي. اهو سوچيندي منهنجو من ٻاڻا وڏڙڪ ۽ آرام تي ويو.

بي آرامي جي ڏوران. ڪٿي سڄاڻ ۽ اڻ سڃاڻل عورتن جا چهرا، منهنجي اکين سامهون ڦرندا رهيا ۽ انسپيڪٽر جا اهي اکر. ”خبر ناهي ته ڪير آهي؟... خبر! ڪڏهين پڌا ئيندو سان!!“ ڪيڏهن عجيب راز جو چٽاءِ ڏيئي رهيا هئا. جيتوڻيڪ رکي رکي، ان راز کي ڄاڻڻ جي لالچ هن ۾ ٻار ٻار اُڀري رهي هئي پر ان مان آخر ڪهڙا ڪل نڪرندا، ان تي خيال ڪندي من ۾ شخص ۽ آرامي پيدا ٿي.

جيئن جيئن رسيس جي گهڙي ويجهي ٿيندي ٿي ويئي، ٿيئن ٿيئن منهنجي من جي دشا ۾ وچتر ڦيرڦار ٿيندي ويئي. انسپيڪٽر لاءِ ڪوڙ ڳالهائي سندس نامعلوم راز ۾ شامل ٿيان يا نه ٿيان؟ اهو سوال دماغ ۾ لبزيءَ سان ڦرڻ لڳو. هيٺ منهنجي ڪن ۾ ڪو آواز گونجڻ لڳو. سنهڙو ۽ مٺو آواز. ”هلو... مسٽر دارو والا ٻائرا!“ مون جواب ڏيڻ چاهيو، پر آواز گهٽجي ويو ۽ ٻئي طرف کان غصي ڀريل آواز آيو. ”تون ڪير آهين...؟ تون نه ڪو شيطان پيو ڏسڻ ۾ آچين!“

اُف... ڪيڏهن مونکي ”شيطان“ ڪوٺيو!. مون سوچيو. ڇا هي ڇوڪر جي ڪراهت نه آهي نه ٻيو ڇا آهي؟! اهڙي ڇوڪري ڪام ۽ ايڪ پيڙ بهتر! اهڙي غلامي کان موت

صدبار بهتر آهي ته پوءِ اچانڪ ڪلهت ته ٻار سڏي ٽرڻ ٽرڻ... ٽرڻ جو آواز ڪن تي پيو ۽ مونکان هلڪو ڇرڪ نڪري ويو. مون هڪدم محسوس ڪيو ته اهي سان مان ڪنهنجي نظرن ۾ شيطان نه ٿيو آهيان... ۽ نه مونکي ٻاجهڙا تي ڪهر جي!

"مسٽر گيهاڻي، فون نه ڪٽجانءِ!" انسپيڪٽر ججت ڀرئي آواز ۾ سڏ ڪندي چيو ۽ مونکي سندس حڪم مڃڻ ڏاڍي تڪليف محسوس ٿي. ڪن ٻر لاءِ ته مان بلڪل مونجهي ويس.

"مسٽر گيهاڻي!" ٽيوالي مونکي چتايو. "انسپيڪٽر پيو سڏي ٿئي!" ۽ سندس لفظ ٻڌندي ئي مونکي سندس صبوح وارا لفظ ياد آيا. هن چيو هئو. "انسپيڪٽر کي راضي رکڻ ۾ ڪثر نه ڇڏجانءِ. اڄ توکي ٻه ڪلاڪ سوائي ملي آهي. ٻه ڪلاڪ معني گهٽ ۾ گهٽ ٻه رپيا جيڪڏهين ساڍه سوائي ملي ته پنجاهه کهڙي وڏي ڳالهه آهي!"

پنجاهه رپيا. پنج ساوا نوٽ. منهنجون اکين اڳيان هيٺر ڦرڻ لڳا. ۽ انهن پنجن نوٽن مان انيڪ ننڍا وڏا زندگيءَ جا ڪم سر انجام ڪرڻ جي ڪلپنا ڪندي ٿي مان ڪنهن مداريءَ جي پتليءَ جيان ٽيليفون طرف اڪ چنبي ۾ وڌي ويس!

”هلو...مسٽر دارو والا پليز!“ ڪن ۾ ساڳيو سڄالل
آواز پيو ۽ منهنجي سرير مان بي اختيار سيسراٽ لڪري
ويو. يڪدم جواب ڏيڻ جي همت نه ٿي ۽ ڇا
جواب ڏيان انجي به سڌ ڪانه رهي. پر جيئن منهنجي
ڪنن سان جواب ۾ ٻڌم لفظن جڻ هوش اڏائي ڪري
ڇڏيو. ان نامعلوم عورت جي آواز ۾ مولکي غصو ۽
جذبش محسوس ٿي ۽ رسيور کي غصي وچان ڦٽي
ڪرڻ کان اڳ کيس چوندو ٻڌم. ”مان توکي ڏسي
وٺندس!“

ڪنهن به عورت کي جاڳي اٿهي يا الڳاڻائيءَ ۾
اڄاوڙ ڪاڻ معلي ياٿکي ٻاهه ۾ اُڇلائڻ. مون سوچيو ۽
پوءِ انسپيڪٽر کي چيم. ”معاف ڪجو... مولکي ڪوڙ
ڳالهائڻ لاءِ اتواڃي!“ ۽ انسپيڪٽر منهنجا لفظ ٻڌاڏيئي
اهڙو نه وڇتر لوڏي ڪليو جو مولکي سمجهه ۾ ئي نه آيو
نه هو مونتي ٺٺولي ڪري رهيو هو يا منهنجي معصوميت
تي رحم کائي رهيو هو.

ڪلڪ بند ڪري ڇن چيو. ”توکي خبر آهي نه هوءَ
ڪير آهي؟“ ۽ ٻنا ترسڻ جي ٻاڦوڻ ٻڌايائين. ”هوءَ
منهنجي ذات جي آهي! چالاڪ ۽ چتر!!“ اهترو چئي
ٺوهه ڪري ڪلڪ لڳو ۽ يڪدم کائي کان ٻاهر

ذات پات جي مٽيڊن ۾ منهنجو وشواس، پاڪستان
۾ ٿي گذريل هئو ۽ هندستان ۾ اچڻ بعد ڏاڍي
ڀاشا ۽ ڌرم جي اجاڻ وڃڻ ۾ اسٽوپ ٿيڻ شروع
ڪيو هئو. ڪنهن سنڌي ڇوڪريءَ جو گجراتي يا پارسي
وغيره سان لاڳاپو هجڻ ۾ مونکي اعتراض ڪونه
هئو. پر جهڙي نوع ۾ انسپيڪٽر مٺيان لفظ چيا ان
منهنجي انگ انگ کي باھ لڳائي ڇڏي. دارونوالا
پارسي هو ۽ هوءَ نا معلوم عورت منهنجي ذات جي هئي.
ڇ...ڇ... هي انسپيڪٽر هڪ هڪ لفظ تي زور ڏئي
منهنجو ڪنڌ شرم کان نيچو ڪرڻ ٿو گهري! منهنجي
من ۾ بي آرامي ٽانڊن جيان دکڻ لڳي.

شام جي وقت مونکي سوانيءَ ۾ رهڻو پيو. چوطرف
خاموشي ڇانيل هئي. سوانيءَ وارا مزدور ڪارخاني ۾ يا
ڪارخاني کان ٻاهر چانهه- پاڻي لاءِ هليا ويا هئا. جو
سندن اهو وقت رسيس جو هئو. ڪاڻي ۾ مان اڪيلو
هوس. ڪم نه ڪونه هئو پر مٿان ڪو آفيسر نه چڪاس
لاءِ اچي اوچتو پيدا ٿئي ان ڊپ کان پنهنجي ٽيبل تي
هڪ ٻه فائيل کولي ويٺو هوس. منهنجي دماغ ۾ هن
وقت صرف اهوئي خيال ڊوڙي رهيو هئو نه انسپيڪٽر
جي فاحش حرڪتن کي ڪيئن روڪجي. ڪيس پنيءَ ۾
ڇڙو هٽجي يا مٿس اٽجي سامهون للڪار ڪجي.

۽ اچانڪ ٽيليفون جي ٽڙڻ... ٽڙڻ جو آواز ڪنن ۾
پيو ۽ ويچار ڌارا ٽٽي پيئي. مون سمجهيو ضرور پهڏي
آفيسر جو فون هوندو ۽ ڪو ڪم هوندس. پر جڏهن
۾ رسيور ڪن تي رکيم ته ساڳيو ئي سڄالل آواز ٻڌڻ
۾ آيو. "هلو... مسٽر دارووالا پليز!" جنهن جي اخلاق
ڀرائي لاءِ ڪجهڙي اڳيان اها ڀرالي رهيو هوس، ان اکياس
عورت سان هيٺين ڳالهين ڪرڻ جو مونکي ڪليو موقعو
ملي ويو هو. هن نه آهي ته جو سندس آواز ٻڌي منهنجي
دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. دل ۾ سوال آيو، هيتري دير
اها اکياس عورت خود پڌڪار ڪندي ڇا؟ ۽ اتيجي ڪي
سوچيندي مون پاڻ تي ضابطو رکڻ جي ڪوشش ڪندي
ساڳارڻ جواب ڏنو. "مسٽر دارووالا ڳالهائي!" ۽ هڪدم
جواب آيو. "ڇا توهين سچ ٿا ڳالهايو؟!" ٿي سگهي ٿو
ته اهو سوال ڪجهڙي به خيال کان پڇيو هجي پر مون
انهن محسوس ڪيو ته اهڙي قسم جو سوال منهنجي پورلو
۾ اوشواس ظاهر ڪرڻ ڪانسواءِ پيو ڇا ٿي سگهيو.
آخر انسان جي پورلو جي گراوٽ جي ڪهڙي ڪسوٽي
ٿيندي آهي؟ اوشواس مان ئي انسانيت جي جڙ ڪسي
پيٺو لڳي ٿو. سندس اهڙي سوال ئي مونکي هيٺر
اچو لڳو ۽ مون چيو. "اوهين ۽ دارووالا جي سماج جي
طبقي ۽ تعلق آهيو. مونکي توهان اهڙي ڪان لٿرت

۽ هن پاسي ڪان ڪو ٻيو جواب نه آيو ۽ جيڪڏهن آيو به ته آواز هيسيل هئو. هن پڇيو. ”مهرباني ڪري ڪجهه کولي ٻڌايو.“ ۽ ان سوال ڇڏڻ مون ۾ ڪجهه همت پيدا ٿي. مون هيٺئن سنڌي ۾ چيو. ”ڇا توکي خبر آهي ته مان تنهنجي ذات جو آهيان؟“

”مان ذات پات کي نٿي مڃان.“ هن وري ان انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو. ”مان تنهنجي نفرت جو سبب ڄاڻڻ چاهيان ٿي.“

سندس جواب مان ظاهر هئو ته هن منهنجي سنڌي ٻولي سمجهي هئي ۽ سمجهي جواب ڏنو هئو. سنڌي ڇوڪرين جي گراوٽ تي منهنجي من ۾ جنبش پيدا ٿي؛ پر هوءَ معصوم هئي ان سمجهڻ ۾ مونکي دير نه لڳي. هن نفرت جو سبب پڇيو هئو ۽ داروواﻻ جي چرٻر جي اوڳهڙ ڪرڻ بعد سندس جواب تي سندس معصوميت جي پرک ٿيڻي هئي. پر دارو واﻻ جي چرٻر کي کهڙيءَ ريت اگهاڙي نموني کولڻ اهو مونکي ٺيڪ خيال نه آيو. ٿي سگهي ٿو مونکي هيڪ ۽ هڏڪ ٿي هجي جو ڪنهن به عورت سان اهڙي ريت مون ڪڏهين ڪين ڳالهايو هئو. پر تڏهين به مون جواب ڏنو. ”مونکي تو لاءِ نفرت ان لاءِ آهي ته جڏهن بابت تون پڇي رهي آهين تنهنجي چرٻر جي بدڪي ۾ مونکي گهٽائي شڪ شبها آهن.“

”لوکي ڪ آهي ته داړو والا جو چولو ڪرڻ آهي؟“
هن انتظار مان پڇيو ۽ مون چيو. ”مونکي ته ڪ آهي.
پر لوکي ڪ لڏهين ئي سگهندي جڏهين تون سدس
۽ سدس گهرو حالتن جو ڀاڙيڪيءَ سان ايپاس
ڪندين!“ ۽ هن جواب ۾ چيو. ”اوهانجي صلاح لاءِ
شڪريه!“

”زندگيءَ ۾ اچ پهريون ڀيرو پروڻي، ڪنهن نشڪام ڀلائي
ڪرڻ سبب، منهنجي من ۾ عجيب آنند جون لهرون ،
چوليون مارڻ لڳيون ۽ ٻه چار ڏينهن ته مزي ۾ گذري
ويا. ان وچ ان عورت جو فون به نه آيو. پر چوٿين ڏينهن
جڏهين مان صبوح جو ڪالي ۾ پهتس لڏهين انسپيڪٽر
جون لال لال اکيون ڏسي منهنجي من ۾ ڪجهه کٽڪو
جاڳيو. مون کيس جاٽي پڇوي ڏکهو سلام ڪيو پر هن
سلام نه ورايو. مان پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺس ته
پٽيوالي، هٿ ۾ هڪ پرزو ڏنو. لکيل هو - ڪاڻهوڪي
نسواليءَ جي اسٽيٽميٽ ۾ ان مزدورن جا تو غلط نمبر
موڪليا آهن. سبب ڏي ته ڇو نه توتي انتظامي قدم
کنيو وڃي.

مان هڪدم سمجهي ويس ته اُن نامعلوم عورت جي
ٽنٽ ۾ ڳالهه پڇي نه سگهي هئي ۽ ڪجهه وقت لاءِ نه
ڪاڙهيڙهي ويس. انسپيڪٽر جسي اُن عجيب
۾ منهنجي چوڏاري ڪم ڪندڙن کي

۽ ڪجهه سمجهه ۾ نٿي آيو. هو حيرانيءَ وچان هـر
انسپيڪٽر جي منهن ۾ ۽ وري مهندجي چهري ڏانهن
سوال ڀريل نگاهن ســان نهاري رهيا هئا. جيتوڻيڪ
مهندجو من منجهي ويو پر انسپيڪٽر منجهڻ وارو نه هئو.
هن هيڊڪر چلائڻ شروع ڪيو ۽ اهڙي ريت چلائڻ شروع
ڪيو جڻ مون سڀ ڪا ڀاري غلطي ڪئي هجي.
مون ڏنو ته هو مونتي ڪوڙو الزام لڳائي، مزدورن کي
مالي نقصان پهچائڻ جي ڪبهاني سان، نه صرف مونکي
مزدورن جي نظرن ۾ هيٺ ڪيرائڻ جـي ڪوشش
ڪري رهيو هو پر مهندجو سروس رڪارڊ ۽ خـراب
ڪرڻ جي پاوٽا رکي رهيو هو. اهو خيال ايندي ئي مهندجي
اندر وارو ڪر موڙي ڪڙو ٿيو. مون يڪدم ، ڪالهوڪي
سوائي وارو ڪاغذ جنهن ۾ مزدورن جا نمبر سندس هٿ
سان ئي لکيل هئا، پهندجي هٿ ۾ قابو ڪندي چيو-
”هي... ڪاغذ ئي... اوهان جي سڀ ۽ ڪوڙ جـي
ڪسوٽي آهي!“

پهندجي هٿ سان لکيل ڪاغذن وارو ٽڪر مهندجي
قبضي ڏسي ، انسپيڪٽر جي منهن جـو پنو لهي ويو.
هاريل سپاهي جيان لٿل چهرو کڻي، هو ٻاهر هليو ويو.
مزدورن ۾ هيڊڪر ٽهڪڙو مچي ويو ۽ ميڙ مان آواز آيو.
”مون چيو ڪونه ته اڳئين ڪلارڪ جيان هـي ڪلارڪ
خوشامدي مان نه چاڙهي!“

مٿيان لفظ ٻڌڻ تي منهنجو ڪنڌ فخر کان اوچو ٿي ويو. مون اهو محسوس ڪيو ته جڳ برائي کي منهن ڏيڻ جي مون ۾ ڪا لڪل شڪتي آهي، جنهن کان مون هن مهل تائين ڪم نه ورتو آهي. هن ڪاميابيءَ ان شڪتيءَ کي هيٺر هڪ وڌيڪ اڀار ڏئي ڇڏيو. ڏيري ڏيري مزدور منهنجي ڪم کي وڃي لڳا ۽ مون به ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ من لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. ٿوري دير بعد اچانڪ صاحب جو جهونو پٽيوالو اڳيان اچي بيٺو ۽ چيائين ”ڀائي! تو کي وڏو صاحب سڏايو آهي!“

صاحب وٽ انسپيڪٽر ويٺو آهي، ان سمجهڻ ۾ مونکي دير نه لڳي. هي صاحب نئون صاحب هو ۽ تازو مقرر ٿيو هو. ان صاحب کي انسپيڪٽر جي گذريل ڪارنامن جي اتري خبر ڪانه هئي. ليڪن هڪڙو سبب ۽ ڪم جي پوري ڄاڻ نه هئڻ سبب، انسپيڪٽر ڪيس جڏهن منهنجي ڪيس ۾ ٻڌي ڇڏيو هو. مگر هي پٽيوالو جهونو پٽيوالو هو. مون سان گهڻو وقت آفيس ۾ رهڻ سبب منهنجي سڀاءَ کان خوب واقف هو. سندس رخ مونڏانهن هميشه همدردانه ٿي رهيو هو. هن چيو، ”صاحب ۽ انسپيڪٽر جي سس پس مان مونکي ڪجهه جي نه خبر پئجي نه سگهي پر ڪنهن ڇوڪريءَ ۽ لڌيجي ٻاري ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي رهي هئي. اها پڪ اٿم!“

هي صاحب ڪدارو هئو. صاحب، انسپيڪٽر ۽ ان
نامعلوم عورت وچ سمبنڌ جوڙڻ جي ڪاهما ڪندي
مون محسوس ڪيو ته جيتوڻيڪ ان اڳيات عورت سان
پلاڻي ڪرڻ سبب مون کو گناهه نه ڪيو هئو پر تڏهين
به صاحب طرف ويندي مون پنهنجي اڳن. پريکشا ٿيندي
محسوس ڪئي. رستي لسي پٽيوالي چيو. "توکي خبر
آهي ته دارو والا انسپيڪٽر ڪيئن هٽيو؟" ۽ انيا ترسڻ
جي پڌايائين. "پنهنجي زال جي زور تي! اڳئين صاحب
کسي ڦاساڻي پاڻکي نورس ڪرڻ لاءِ ڪيتراڻي حيلا
هلايائين پر اڳئين صاحب تري ڳيل لڳاڻڻ نه ڏنس. هي
صاحب نئون رنگروٽ آهي ۽ ڪمس جار ۾ ڦاساڻڻ ڏاڻي
همت جو کيل آهي انسپيڪٽر لاءِ!"

"لعنت آهي اهڙي عهدي کي!" مهنجي زبان مان
بي اختيار نڪري ويو ۽ نفرت وچان مهنجي اکيه انگه
مان باهه جا الا نڪرڻ لڳا. ۽ جڏهين آفيسر مون تي
ڪوڙو الزام مڙهيندي چيو. "ڪيهاڻي! تو انسپيڪٽر خلاف
مزدورن کي پڙڪايو آهي. ڇا توکي نوڪري نه ڪرڻي
آهي؟" تڏهين مان هڪدم آپي کان باهر نڪري ويس
۽ مونکان اهو به وسري ويو ته مهنجي روزي سندس
قبضي ۾ هئي. مون چيو. "اوهان گزيٽيڊ آفيسر آهيو.
سرڪار اوهانکي ڪنهنجي پيٽ تي لت هڻڻ جون ڪافي
اختياريون ڏنيون آهن. پر مان اوهانجي ٺڪي پر ٻڌڻ
وارو نه آهيان."

منهنجو ڇڙڪ جواب ٻڌائيندي آفيسر مهربانيءَ ۽ مدديءَ
واو پر پوءِ پنهنجي طاقت جو احساس ڏيندي هن چالاڪ
شروع ڪيو. مان بنا ڪنهن نوڪريءَ جي پنهنجي ڪالي ۾
موٽي آيس ۽ مون محسوس ڪيو ته سماج ۾ ڪنهن نه
گندگيءَ کي صاف ڪرڻ لاءِ اٿاهه شڪتي گهرجي. مون
پاڻکي هينئر بلڪل نئون محسوس ڪيو ۽ شايد نئون ان
ڪري جو هڪ نوڪري هٿان وڃڻ ڪري، ٻي نوڪري
ملڻ مشڪل هئي. هڪ نوڪري کي نوڪر هٽڻ ۽ ٻي
نوڪري هٿ ڪرڻ تائين آرٿڪ تباهي نشچت هئي،
۽ تعجب ٿي سوچيندي مون اهين محسوس ڪيو ته اڄ
جهڙي نظام ۾، ڪنهنجي به ڀلائي ڪرڻ سر جي سٽ
ڏيڻي آهي.

ڪالي ڇڏڻ تائين منهنجو من ۽ وچار منجهيل رهيا.
۽ ڪالي ڇڏڻ وقت اچانڪ جڏهن ڪنهن مولڪي ٻاهون
کان ٻڪڙيو نڏهين مان ڪن پل لاءِ ته هراسجي ويس.
مون سمجهيو ته اڄ زندگيءَ ۾ ضرور ڪو اڻ وڻندڙ واقعو
پيش ايندو. پر مزدور اچانڪ ٽهڪ ڏيندي پڇيو. "ايتري
مايوسي جو سبب؟" ۽ وري پاڻهي جواب ڏنائين. "اڪيلو
اڪيلو ڪرڻ سان هميشه انسان بي همت ٿئي ٿو. مولڪي
۽ آهي ته توهان بي گناهه آهيو. توهان هميشه مزدورن جي
ڪم ڪندا رهيا آهيو. ۽ اڄ اسانجو فرض آهي
ڪرڻ! اسين ست هزار مزدور توهانجو وار به
اسين! خاطري رک."

ان مزدور جا لفظ ٻڌنديئي منهنجي وجايل همت واپس موٽي آئي ۽ منهنجي اکين اڳيان پنهنجي ڪارخاني جا ست هزار ٿورا ٽڪرو ٽڪرو ٿيڻ لڳا. اهي ڇهر لعل هئا جن شدن د لين ۾ پندا ٿيل آڪ ألا ڪيدي رهي هئي.

”مان اڪيلو نه آهيان!“ اهو خيال ايندئي منهنجي ڇهري جو گل هيٺئر وري ٽڙي پيو ۽ جڏهين وري ان مزدور جي لفظن چمتڪار ڏيکاريو تڏهين نه پاڻ سڃاڻي ۽ سڱنن ۾ منهنجو وشواس سڀُوٽو ٿي ويو. ٿن ڏينهنن اندر ئي منهنجي بدلي ٻئي ڪانئي ۾ ٿي ۽ اهو به ٻڌڻ ۾ آيو ته وڏي صاحب وٽان پنهنجي صاحب ۽ انسپيڪٽر کي ڪافي دب نصيب ٿي.



لطف تنهنجو دم به دم، قهر تنهنجو گاهه گاهه،
هيئن به سڄڻ واهه واهه، هوئن به سڄڻ واهه واهه.

[illegible]

اچي دوست هلي آءُ...

اچي [illegible] هلي آءُ اڱڻ دسس [illegible]
سڪن [illegible] جا جي پاڪ کي تہ [illegible]
[illegible] کي [illegible] دو د [illegible] تہ [illegible]
[illegible] [illegible] لاشاد تہ [illegible]
[illegible] دل [illegible] اما جا [illegible] پار
[illegible] [illegible] ڪسي [illegible] لسہ [illegible]
[illegible] [illegible] واسطہ [illegible]
[illegible] آءُ اڱڻ دسس [illegible]

جمع پيت جي اک کين کري کيهکي پريشان
جس انگ پکڙيا لاءِ نئي ڪوئي نسـ حيران
واجهائي اجهي لاءِ نـ ٻاجهي ڪوئي اي گهر
ڦهلائي اڳيان ڪنهن جي نه ڀهڄو ڪوئي دامان
جمع رانجهه والر جو ملي هرگز نه مثالڙو
اي دوست هلي آءُ اڏيون ديس نرالو

پوڄاري جتي زر جـو دلين کـي نه جلائي
مطلب جـو شڪاري نه جتي چـار وڃائي
جت دل ۾ رکي کـوڙ نه سچو ڪو سڏائي
انسان نـي شيطان جتي سـوپ نه ڀـالـي
انصاف ۽ حق جو جتي قائم رهي نالو
اي دوست هلي آءُ اڏيون ديس نرالو

بانگون ۽ وڏا گهنڊ نه جـمع کـوڙ مڃائن
مذهب جـا جتي ڪيڙا نه انسان کـي کائن
جـمع نار جي عصمت کي وڃي ڏن ۾ نه لوڙاو
هيرن جـا جتي پير نه پاڻ کـي لڪائن
ناڪام جتي ظلم جـو نئي نير ۽ پالو
اي دوست هلي آءُ اڏيون ديس نرالو

ميرپوري

... ي ڪولي ۾ ڪتب
... ني ڪوسون لسون
آ ... سعد لي الڪنوس
... روزي ۾ لي ڪاوت
... وعمرة لنگلي آهي
... ر مرووي سيز وت
... ر ويلو آهي]
... ماں سر ڪدي)
... ان........
... رلي ۾ لي بمر ڪئي
... سان لال ملالي) دوب
... رئي ...ڪڪ
... لال لي همعد سان سز
... ڪئي) دوب رهي

... الوسعد (رو سان) دوب
......ڪڪ

(ڪند ڏونـڊاڙي) اڃان ڪونہ ٿي اچي...... ٻوب
هي هڻـ......
(رومال سان نرڙ تان پگهر اگهي) ٻوب رهي هڻـ...
(اوچتو ماٺ ٿي وڃيتو... ۽ پوءِ خوش ٿيڻ سان
...ٽي وڃائي) ٻوب رهي هڻـ... ڏرم ڪي ڇاپا.
(ساهي پٽي) ٻوب رهي هڻـ ڏرم ڪي ڇاپا.
(ميز جي خاني ڏانهن نهاري، ٽڏو ساهہ کڻي، اُٿندي)
...مهنجو ٿي سهارو، مهنجي پلاوتني!
(ڪوٽ جي کيسي مان چابي ڪڍي، ميز جو خانو
کولي، نڍو فوٽو ڪڍي ٿو. انہ نهاري) سچ پچ پلا ٿي
...ڇڏيو اٿئي، پلاوتني! آخرين بدڻ ٿي اچي جو ٽڙقاٽي رهي
آهين؟ ٻوب رهي هڻـ ڏرم ڪي ڇاپا...
(موٽڻ اندر گهري ٿو- ميرپوري فوٽي کي لڪڙ
ہ ميز تي اونڌو ڪريٿو.)
موٽڻ- ڪيئن آهين ، ميرپوري صاحب! تنهنجو
مهاڪاوڻ ڪيئن وڌي رهيو آهي؟
ميرپوري - بس هاڻي آخرين بند ٿي لکجي ويو
آهيان.
مو- اڃين؟ بڌاءِ تہ سهي. مس مس بند رهن ڏينهن
...جا پورهيا ٿاب پيا اٿئي.
مير- ڪافي ڪئين ڪم آهي، موٽڻ... بڌ:
ٻوب رهي هڻـ...ٻوب رهي هڻـ ڏرم ڪي ڇاپا.

مو- واھ! سائين، واھ! اڄ ته ڪمال. (فوٽي تي نظر بوندي) هيءَ ڪنهن جي صورت آهي؟

مير- (اورو [illegible]) هيءَ شاعراڻي دل جي صورت آهي، مومل.

مو- (فوٽي ۾ ڇتائي [illegible] [illegible] [illegible]. ڪانهي؟ (مير اوري ڪنڌ [illegible] [illegible]) ته ڪير آهي؟

مير- اهو [illegible] [illegible] آهي؟

مو- [illegible] [illegible] [illegible] [illegible] بند ڪيو. [illegible] ڪير آهي؟

مير- "پلاولتي!"

مو- اوھ! (ڪجهه [illegible] ويچار ڪري) ڪير آهي اها پلاولتي؟

مير- پلاولتي! ([illegible] [illegible]) جن جوڙي جي ڪان [illegible] نه ڄاڻي، نه [illegible] [illegible] هڪ ئي پلاولتي آهي، مومل. هوءَ [illegible] [illegible] جو [illegible] آهي. هوءَ غيب جو روپ آهي. [illegible] [illegible] سهڻي ۾ نه ڏسڻ آهي پاڻ پلاولتي. .... ([illegible] [illegible] [illegible] وڌيڪ نه پڇ......

(فونو [illegible] [illegible] [illegible] ٽي جوان- ٻوڙو، [illegible] [illegible] ڪوڙن ٿا)

ٻوڙو- [illegible] شاعر جو گهر هي آهي؟

-- [illegible] [illegible] صاحب جو گهر هي آهي... [illegible] ڪن ٿا.)

مير- (نمستي ڪري) چئو بابا! هتي لي وهو...... مان ان مٽن بر اپالٽو. (وڃڻو.)

ڦلو- (موٽيا ڪي) اهو ميرپوري صاحب بابا آهي؟

مو- جي.

ڏاندو- لکي نه ڪونه تو.

مو- ڇا مطلب؟

ڏاندو- مطلب هي نه ميرپوري صاحب شاعر ڪونه تو لکي. سدس وار وغيره........

مو- اوهو! اهائي نه هڪڙي مهانتا آهي- ڪيا شاعر لکندا آهن، ڪونڊا نه آهن. ميرپوري صاحب شاعر لکي ڪونه تو پر...... (ميرپوري اچٽو.)

مير- چئو، بابا.

بوهو-عرض آهي مقمت رالري- پانشالا پر جلسوڪري رهيا آهيون. ان موقعي لاء سدڪيء پر ڪو عمدو شعر لکي ڏيا جي مهرباني ڪندا- اهڙي آشا رکي آيا آهيون.

مير- (موٽيا ڏي مدهن ڪري) هي مان ڇا ٻڌي رهيو آهيان، موٽيا! جيڪو اڄي سو چوي، ”سدڪيء پر شعر لکي ڏي.“ اڄا تورو اڪبر هرگن بانو آيو هو، چي: ايشور جي استتيء تي شعر لکي ڏي- سو نه سدڪيء پر. هاڻي پڇيس: سدڪن ڪهڙيء صديء پر ايشور ڪسي سميا ليو؟ سدڪن يا ڪيو صوفين جو سنگ يا

زالن کي جا وچن! خير، شرڌا سان آيو هو، راضي ڪري ويو ۽ مون نه راضي ڪري ڪيو مانس. هاڻي وري هي ٻار آيا آهن، مهاڪاويه لکڻ ڪافي رلڻ کان پوءِ. خير، ڇٽو ٻاني، ڪهڙي وشه آلو؟

ٻوهو - اهڙيون نه ماڻهن جي شيرا ڪرڻ مان فائدا آهن وغيره. اوهين ڀاڻ سمجهي سگهو ٿا.

مير - ها، ها سمجهيم. خراب ڪم ڪرائي. (ويچار ڪريئو) ڏسو هيءُ مصرع ڪيئن ٿي لڳي...

شيوا ڀاو، سک سمپتي ۽ نرمل لن من آڻيئو
سماج ساگر جي لهرن مان اوڳهريل ان تن آڻيئو

ڏالدو - (تاڙي وڄائي) ڏاڍو سٺو، ڏاڍو سٺو!

چينو - "سماج ساگر جي لهرن مان......" ذرا ليڪ نٿو معلوم لڳي.

مو - ش ش! متان، متان اهڙي گستاخي ڪئي اٿو. شاعر جي انتراڪ جيڪو ڏسي ٿو شاعر جو اندر ۾ ڪجهه ٻولي لو ساڌارڻ جيو جي سمجهه ۾ ڪيئن اچي سگهندو؟ "ليڪ نٿو معلوم لڳي..." ڇي ڇي!

ٻوهو - معاف ڪجو، ميربوري صاحب! اوهانجي جذبن کي صرف رسائڻ جي مراد ڪانه هئي... اوهين شعر کي ٻاهر پورو ڪريو... (حاڪچمل ۽ مورلد مل گڏجي)

حاڪچمل ۽ مورلد مل - سائين واه واه!

واه واه اچو وڃو.

چا- سائين، اوهان ۾ تورو ڪم پيو آهي.

مير- ڇٽي ڏيو، ڪار خدمت؟

چا- لون چٽيس.

مور- لون چٽيس.

چا- سياٽي پناڻن جي قضيئي جي بارهاماسي آهي...

مير- اوهانجي والد شريف جو نالو ٻڌي سگهانئو؟

چا- دريلداس.

مير- دريلداس؟

مور- دريلداس جهانگي مل.

مير- مهنجي ساڻس واقفيت نہ ڪونہ هٿي؟

مور- نہ، سائين.

مير- انين ڇٽو پوء پلا؟

چا- ارادو ڪيو ائٽون خوش-ساگر ڇپائي لوڪن ۾
مفت ورهائجي.

مير- (ويچار ۾ ميز تي تال سان ڏڪ هڻندو.) هون!

چا- جيئن سندس پڪدڙ آتما کي سرڳ لوڪ ۾
شانتي ملي. (اکيون اگهي) سرڳواسي جيٺري نہ...

مير- (وڏي واڪي) مونا!

مو- ڇٽو، ڇٽو.

مير- آني آهي، آني آهي. (سڀ وائڙن وانگر
نهارين ٿا)

مو- اچلي ڏي نہ پوء...

مير- (ميز تي ڌڪ هڻندي) ڊوب رهي هئا-
ڏيو ڪي چاپا
ڦهل رهي هئا- ڦهل رهي هئا پريم ڪسي مايا...
مو- واه ! واه !
مو- جا نہ خيال آهي، سائين !
جا- پريم ڪي مايا... ڪير سمجهي ؟
مو - (وينلن ڏانهن نهاري) ميرپوري صاحب
مهاڪاوي لکي رهيو آهي. جلد ڇپجي ظاهر ٿيندو.
مير- (خوش آواز سان) ها، پوء...؟
جا- اُن ڪتاب لاء اڍائي پتر گهرجي، شعر ۽
سنڌيء پر...
مير- (مئي تي هٿ هڻي) ڏنئہ، مونا !
مو- معاف ڪجو، اسان پڌو آهي تہ اوهين اهڙا
ڪر ڪندا آهيو.
مير- اهڙا ڪم ڪندو تہ آهيان، پر......
جا- پر ؟
مير- اوهين شايد ارڙهين صديء جا نا گذارو، معاف
ڪجو، منهنجو مطلب آهي تہ اوهان اجان پاڪستان شايد
نہ وساريو آهي.
جا ۽ مو- سنڌ ڪنهن ڪان وسرندي، سائين؟
مير- اهوئي ريمڪ، مونا.

مو- ڇا ڪجي ، ميرپوري! سڀ ڪجهه هٿي ڇڏي آياسين پر همت اڃا اها سنڌي، سنڌ جيئي رت لڳايو وينا آهيون......

ڇا- (ميرپوري کي) اوهانکي نٿي آئڙي ڇا؟

مير- بلڪل نه- هندي قومي ٻولي آهي، اچ نه نه سيان رکو هندي ني هلندي، پوء سنڌي ٻولي ڪهڙي ڪم جي ؟

ڇا- سائين سنڌ جي هڪ ئي نشاني وڃي رهي آهي......

مو- انهيء ڪري نه ميرپوري صاحب ساڳي سنڌي لهي قائم رکند و اچي. هندي ٻولي- سنڌي لهي- گذران نه هر ڪنهن کي گهرجي. نه نه سنڌيء سان ڪو اړواح ڪونهيس.

مير- (ويچار ۾) چڱو سائين ، سنڀول طور هي ٻڌو:
جيڻ پلو تن جو جي مرن تا ٻين لاء

مور- نيڪ آهي.

مير- مونکي مان سمجهانٿو نه شاه صاحب به اهڙي تڪ چئي آهي: جيڻ پلو تن جو جي مرن تا ٻين لاء..

مو- مونکي ا، ڪٿڪي ٻيئي.

مير- چڱو. ڪاپي ڪرڻ نيڪ ناهي. اگر هن طرح ڦيرايانٿو:-
مرڻ پلو تن جو جي جيئن تا ٻين لاء- ڪيئن؟

مو- واهه!........

مو- (چاچيمل کي ڪن ۾) ادا! مرڪ مٺين ۾ ڪو آهيس......

مير- مسرڪ پلو لن جو جي جيئن لسا ٻين لاءِ ڏنڌا دربل ٻلوان لبو......

چا- (اڌ ۾ ڪري) انهن وري ڪيئن ليکيو، سائين؟

مو- ڇا ڇيو، ڇا ڇيو؟

چا- سائين، ڏاڏي جو ناٿو مڇڪس نه آندو اٿو؟

مير- مسند صاحب، ٻالهه ٻڌو، ڏاڏي کي نه جي هتي آڻيندا نه ماڻهو رئي رنجي ويندو،

مو- ٻدلجڻ ڏيوس، ڏاڏي جي نشاني ڪيئن نه آڻبي.

مير- (ڪاڻا ڪڍي) جيئن اوهان جي مرضي. (واچهار ڪريٺو) هيءَ آزمايو پلاءِ

دربل ٻت جهانگي مل جو، وڃو جهان مان باقي مان

مو- واهه! سائين. عين الين ڪوڙ جين.

مير- دربل ٻت جهانگي مل جو، وڃو جهان مان باقي مان منش جاليءَ جسي هسر صورت ۾،

هن جهڙو ٻيو آهي ڪاله.

مو- (خوشيءَ ۾) الين ني ڪوڙ جي.

چا- بلڪل، اسالکي اوهان جي اهڙي جاڻ ڪاله هئي. اوهان جا بدل شڪرگذار آهيون. (کيسي مان نوٽ ڪڍي)

هي اسانجي ڀهران خسيس ڀيٽا قبول ٿوي. آئينده ڀين
کي ٻه وڌي ايندا سين، ڪو ٻه خيال نه ڪريو.

مور- اوهين پلي پنهنجو تخلص ٻه وجهو، اسان‌کي
اعتراض ڪونهي.

مو- ميرٻوري کي نالي جي اک ڪانهي، پانڻي صاحب.

مير- مونکي ميرٻوري ڪري چوندا آهن. پر ڪنهن به
شعر ۾ اهو تخلص وجهڻ منهنجي بنيادي اصول جي
خلاف آهي، چا سمجهيو؟...... (گنبو اچيٿو)

گنبو- سائين، ميرٻوري صاحب آهي؟

مو- آهي. چا ڪپي؟

گ- (ڏولي‌ءَ جي پلو سان منهن اگهي) منهنجو نالو
آهي گنبو. بسڪوٽن جي ڦيڪري اٿم.

مير- پر هتي ڪيئن پداريو آهين؟

گ- منهنجا بسڪوٽ تمام لذيذ ۽ سستا آهن. تڪي
چا ٿي.

مو- اڙي آهي؟ منهنجي ڪڪي‌کي ته دست ڪري
ڇڏيائون!

گ- اهو سائين، ڪي ڪي بسڪوٽ ڪٽي اهڙا نڪتا
هوندا. باقي عام طرح ڪئمپ کان ٻاهر اَور جاءِ ۾ نه
ڏاڍو ٿو مال نيڪال ٿئي.

مير- نيت ڳالهه چا آهي؟

ڳ- مهنجو مطلب آهي تہ اڄڪلهہ اشتهار بازي ڏاڍي وڌي ويئي آهي.

مو- برابر.

ڳ- سو مهنجو ويچار آهي تہ مان بہ ريڊيئي تسان پرچار ڪرايان.

مير- اوهوا! ٽوڪي بہ ڳائي جي لڪ گهر جي سنڌي؟

ب- انهن تہ؟

ڳ- اوهانجا پيا جيئن! ڪيترو بہ خرچ اچي، انجو خيال ڪرانهي.

مير- ٺيڪ آهي. (ماٺ ۾ وچيتو...... اوچتو) او، مونکا!

مو- ڇا آهي؟

مير- اچي ٿي، اچي ٿي. (سڀ ڇرڪي ٿا وڃن)

مو- (ٺٺڪ سان) اڇل ڏيوس.

مير- (ڪجهہ وقت لوسي) ڏوب رهي هئہ ڏرم ڪي ڇايا
ڦهل رهي هئہ پرم ڪي مايا (ساهي پٽي)
يهہ دنيا هئہ ليين داں ڪسي

مو- واه، واه! بس هاڻي اچي رهي آهي.

مير- (خوش ٿيڻ سان) ها سائين، گندا مل......

ڳ- سائين خرچ جي ڪا پرواه ڪانهي. رڳو هڪ دفعو جي خلق سا ٻڌي سهين تہ گندو بہ للڊنڊ بسڪوٽ جاڻي ۽ ڳاهيندو آهي، پوءِ بس!

مير- ائين؟ (ميز تي ڪجهه وقت ٺڪ هڻندو......
ڏس پلا: ڪانو ڪانو اسڪوٽ گنڊارام جا
گ- (خوشيءَ ۾ نوڙائي ڪيري پائيندو) هاءِ، هاءِ! ڙي
گنڊوءَ ماءِ، ڇا نه ٺڪ آهي!!

مير- ڪانو ڪانو اسڪوٽ گنڊارام جا
آهن لڏڻ، طاقت وارا، وسيلا آرام جا
گ- (خوشيءَ ۾ تاڙي وڄائي) بس سائين بس! حد
ٿي چڪي.
مو- بس، ميرپوري صاحب جو ڪم ختم ٿيو.
گ- يعني ته.........

مير- مان فقط ستون ڪمپوز ڪندو آهيان؛ ڇا
سمجهيو؟ هاڻي اوهانکي ڪنهن سُرُ ڏيندڙ وٽ وڃي
انهيءَ کي سُرُ ڏيارڻو پوندو؛ ان بعد ڪو ڳائيندڙ ڳولهي ان
کان ڳارائڻو پوندو. ڇوڪري هجي ته بهتر؛ ڇا سمجهيو؟
ڇوڪري هوندي ته ٻڌندڙ شوق سان ٻڌندا؛ پوءِ اوهانجا
اسڪوٽ عزي سان کائيندا؛ انهن اوهانجي اسڪوٽن
جو وڪرو وڌي ويندو؛ ڇا سمجهيو؟
گ- سهڻي صلاح آهي. ائين ئي ٿيندو.

(پاڳو، مولو، حشوءَ ناري ٽڪرا گهڙن ٿا)
پاڳو- اسانکي ميرپوري صاحب سان ملڻو آهي.
مير- ڇڙو ڇڪي چوڻو هجيو.

مولو- اوهانکي ھر ھواڊي ته ڪارخانن ۾ هڙتال چالو آهي.

مير- منهنجو واجبيتي ڳالهين ۾ ڇاھه ٻه ڪراهي.

ھشو- سائين، واجبيتي جـــي ڪا ڳالهه ڪاهي. ڪارخانن جي مزدورن اولس ٻتي وڏانڻ لاءِ گھر ڪئي ھئي.........

مير- منهنجو مزدورن سان ڪوه ٻريوجن ڪواهي، اهي گهت ذاتس.....

ناري- سائين، اوهين جيڪر ھلي ڏسو ته ڪيئن ته بار، ٻڍا ۽ زالون سور ـختيون سهي رهيا آهن......

پرهو- (ياڳوءِ کي ڪلهي کان ڌونڌاڙي) ا-ر ياڳو، اوهانکي ڇيو ڪنهن ته هتي اچو؟

ياڳو- اسانجو مزدور شاعر هشو ليو ته گرفتار ٿي واره اسان وٽ ڳاليندڙ ڪوڙ ۾ راڳ لاهي ڪم؟ انهيءَ ڪري، ڇيوسين ته ميربوري صاحب کي.....

مولو- ميربوري صاحب اڄڪا برچارڪ شعر لکڻ پسند نه ڪندو آهي.

مولو- برچار جي سائين ڳالهه ڪاهي......

ھشو- ميربوري صاحب! اوهين جيڪر مزدورن جي هميق ۽ السائهه ڏسو ته......

(ميربوري وڃار ۾ وبو آهي)

- ٻه ڏهنا ڪدري وبا آهن هڙتال کي، نه؟

ناري- الين ڪونهي ته سندن ٻونس پنهنجي گهر واجب ڪانهي.

مورند مل- واجبي آهي، واجبي آهي.

چيتو- اسان وٽ اسڪول ۾ سندن ٻار پڙهڻ ايندا آهن. سندن حالت سچ پچ قياس جوڳي آهي.

جانچيمل- سائين مزورن جو اهو ڪٽنب ڪونهي جو قرضدار نه هجي.

مورند مل- بزار جو اهو دڪان ڪونهي جنهن وٽ سندن ڪيڏو نه هجي.

مومل- (هٿ سان ماڻ جو اشارو ڪري) ميرپوري صاحب هيئر مهاڪاوي لکڻ ۾ مشغول آهي.

گندو- (ڪجهه وقت بعد) سرڪار نه ٻڌو دونس ڪرڻ سان گهٽايو ڪونهي.

مورند مل- هرو ڀرو ناراض نه ڪريو، ميرپوري صاحب!

جانچيمل- ها- چار اکون ڪري لکي ڏيون.

ميرپوري- (ڇرڪ ڀري، مومل کي پنهنجي ڀر ۾ ڏسي ڪري) اچي ويٺي، مومل! (سڀ ڏهلجي ٿا وڃن. ميرپوري الي، هٿ ٿهلائي، وڏي آواز) اچي ويٺي.

سڀ- (هڪ ٻئي کان) ڪير؟ ڪير؟

ميرپوري- اچي ويٺي منهنجي مهاڪاوي جي آخرين بند جي آخرين سٽ...... (ميز تي پتري پئي تي ڪجهه لکي، پوءِ هڪ هٿ سان اشارو ڪري) شانتي، شانتي...

(پٺي هٿ سان ٻه ڄڃهلي) حاضرين صاحبان، مولکي بيحد خوشي ٿي رهي آهي جو مان ٻهڀجي مهاڪاوه جي آخرين بند تي اچي وڃي آهيان. هن مهاڪاوه جوڙڻ تي مون جيڪو ربع سعه ڏنو آهي انجو اندازو مهاڪاوه جي هن مهابند مان ٿي لڳائي سگهو ٿا. مير ابوري جي مهاڪاوه جو مهابند پيش ڪجيٿو:

ٻوڙپ رهسي هٿ ڏرم ڪي چاپا
ڦهل رهسي هٿ ٻرم ڪي ماپا
ٻه دلياڃ هٿ لين ديس ڪي
اپت رهي هٿ ڪرم ڪي ڪاپا

(مونڻ واه واه ڪري، تاڙيون وڄائيندو اٿيو. ٻيا سڀ ماڻهو ٻه در طرف هلن ٿا. مير ابوري ڪنڌ ڏوالي آداب ڪندو رهيو.)



ڏريٽا اڳيان ڏب ٻيهي اٿو سگهي. مڪمتا اڳيان مشڪلاڻ اٿن ڳرو وڃي جيئن ٻساه اڳيان برف.

ڪيئلداس (فاني)

ڪوئي نه ڪر سو ياد زمانو

۱- حرص هوس جي ڄر ۾ ٻڏري ڪاوڙ ڪارا جلي رهيون
واڌو گياني ۽ شيطاني مشاڻون اڄ ٻـلـي رهيون
ڪالهه فقط اڄ لاءِ ڇڏيو، افسوس پرو افسانو ...
ڪوئي نه ڪر سو ياد زمانو
۲- پريمي اڄ نه ٻڌو چاڪ، پيتل، نيڻ پياسا
پاءِ ماءُ جي پريم جا جذبا سڏجن ٿا آڪاسا
قرب محبت جي لالن جو خالي آهه خزانو ......
ڪوئي نه ڪر سو ياد زمانو
۳- هاءِ سياست جي ٿي سا هٿ تي آ عجب چڙهائي!
پيا ميدان لهه ماري ويٺي، علم - ادب تي آئي
اڄ مئخانو ٿيو امن ۽ ٽوان جو ٿکانو ...
ڪوئي نه ڪر سو ياد زمانو

۴- فرض وساري پرجا جا جن جوڙيو پرجا لشڪر
ڀوڳن ڪي پيلائڻ وارو ساڻ؛ رکيائون پٿر
خود قرباني اڳوانيءَ لاءِ بشڪ بٽيو ڀاڳو...
ڪوي نہ ڪر سو ياد زمانو

٥- اڄ نہ رهي سا باغ بهاري ڪليون ڪُلڻي ڪوماڻيون
وڃارا وڃار ڪَرڻ جون واڻيون رنج رهاڻيون
ڀماڻا برزا برزا ٿي بيا مشڪالي مڪذائو...
ڪوي نہ ڪر سو ياد زمانو

٦- ويا امنگ ترنگ آدامي خالي بادلُ ٻچي
ذِسي غضب السان حو خود انسان هو قاتل ٻچي
انساني مِرَ ڀر وڳيان آ واءِ ڀسو ڀسو وحشانو......
ڪوي نہ ڪر سو ياد زمانو

٧- وڃي قاتلو ريگستاني رڃ الندر ڪاهيندو
جيون جي امرت جي چشمي ڪي نہ مگر چاهيندو
امرت کان موٺن موڙي پيٽي زهر ڀريو پيمانو......
ڪوي نہ ڪر سو ياد زمانو

٨- موٺن ويڙهي وٺا ڪوي انيوي دنيا جي صورت کان
ايتر ڀانئي، عنبر علياوٺا ڪانگن جي صحبت کان
فاني هن حسرت کان لي جو اڳ ليو روح روانو...
ڪوي نہ ڪر سو ياد زمانو

ايشيا جاڳي آ........

ليکڪ :- ايم سڳن

”انگريزي حڪومت تان سج لهي ئي ڪونه“ اها چوڻي ڪنهن پراڻي زماني جي ڏند ڪٿا ڪانهي. صرف ڏه سال اڳ ساڳي ڳالهه سورهن آنا سچي هئي. ليڪن هن وقت جي ڪو، اهو جهونو دشنام دهرائي ته سندس اڇاڻائيءَ تي کلڻ کان رهي نه سگهجي.

انين نه آهي ته رڳو انگريزن ئي پنهنجون اينگون وڃايون آهن پر سندن ساٿي سامراجين، فرينچن ۽ ڊچن، کي به گذريل ٿوري عرصي ۾ ايشيا مان بسترا گول ڪرڻا پيا آهن.

هندستان، پاڪستان، برما، سلون، انڊونيشا، ۽ انڊوچائنا غلاميءَ جو ڳهانگهو لاٿو آهي. چين اڄ سامراجين جي لوٽ کسوٽ جو مرڪز نه رهيو آهي. سعودي

عربستان، جارڊان ۽ سريا جهڙن حڪومتون مالي آزادي هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون آهن. ملايا، فلپائين سنگاپور ۽ جهان پڻ آزاديءَ جي شاهه راهه تي تڪڙيون وکون وڌائي رهيا آهن.

سوال تو اٿي ته سلطنتشاهي جو هيٺ، پٽن جي محل وانگر ڊهي اچي پٽ پئي، تنهن جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟

سامراجشاهيءَ جي تڪڙي ختم ٿيڻ جا مکيه ٻه سبب آهن:

١- روس ۾ آڪٽوبر انقلاب
٢- ٻي عالمگير جنگ

آڪٽوبر انقلاب ڀريون ڏنعو ڏلبا جي اڳتي لئي محنت ڪشن جو راڄ قائم ڪيو. انجو اثر سڄي سنسار ۽ خاص طور آزاديءَ لاءِ اڙندڙ غلام ملڪن تي سياوڪ ٿي هو. ان ڪانسواءِ ”سوويت سرڪار انقلاب جي ڀرپان ٿي دور ۾، انهن سڀني ملڪن جي آزادي تسليم ڪئي جي زارشاهيءَ جي ڏيهن ۾ رشيا سان لڳايا ويا هئا ۽ ان آزادي ۽ ترقيءَ جي علمبردار اولهه جي حڪمرانن کي، مشرقي ملڪن جي حقن کي نظرانداز نه ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو.“ (سردار پانيڪر)

ٻي مکيه ڳالهه جنهن ايشائي عوام کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو سا هئي سوويت يونين جي ايشائي پرانتن جارجيا، آذربيجان ۽ آرمينيا وغيره ۾ ٿوري عرصي اندر تيل

عبرتناڪ ترقي ۽ آڪٽوبر انقلاب اچڻ سان هنن پرانهن
مان اڪ ۽ افلاس پر ڪري اڏامي ويا. ڪيترا ڪارخانا
پيا. اڻ علمي ۽ جهالت دور ٿيڻ لڳي. رهڻيءَ جو درجو
وڌائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رهي. مطلب ته
پنهنجي پڙهل ايشيائي قومون سوويت سرشتي هيٺ گهڻو
اڳتي وڌي ويون. انهيءَ حقيقت اهن ملڪن ۾ آزادي
جي تحريڪ کي ڪافي ترغيب ڏني.

سامراجشاهيءَ جي مضبوط ديوار ۾ آڪٽوبر انقلاب
اول ئي زبردست ڏارون وجهي ڇڏيون هيون، وينتر جو
آئي اي مهاڀاري لڙائي لدهن رهيل ڪم پورو ڪري ڇڏيو.
لڙائيءَ ۾ فاسزم جي هار سبب آزادي، لوڪشاهي ۽
سماجواد جا خيال زور پڪڙيندا دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾
پکڙجي ويا. نتيجو اهو نڪتو جو ڏاڍن خلاف حقارت
ٿهڻي جنهن سامراجشاهيءَ کي ايڏو ڪمزور ڪري ڇڏيو.

لدهن ڪانسواءِ جنگ ۾ ڪيترائي ايشيائي جوان وطن
جا وڻ ڇڏي، يورپ ۾ وڃي لڙيا هئا ۽ يورپ واسين
کي هٽلر شاهيءَ جي چنبي مان آزاد ڪرائڻ جي ڏس
۾ چڱو پاڻ موڪيو هئائون. موٽندي هو پاڻ سان پنهنجي
اٿاهه طاقت جي احساس سان گڏ سولنترتا جو سنيهو ۾
کڻي آيا. اجهو ايشائي عوام صدين جي گهري ننڊ مان
ڪر موڙي اٿي ڪڙو ٿيو.

۽ اڄ اسان جي سامهون سلطنتشاهيءَ جو شاندار محل
کنڊهر جي حالت ۾ ڪِريو پيو آهي. انهن ۾ ٻو لڳي چڪو
لڳندڙ واءُ جو هڪ ننڍي زوردار جهوٽڪو باقي رهيل
ننڍڙن ڍڳن کي به اڏائي ڇڏيندو.

سياسي آزادي

هن عالمگير جنگ ڪانپوءِ جهونا سامراجي انگريز،
فرينچ ۽ ڊچ ته ايشيائي ملڪن کي الوداع ڪري ويا
ليڪن انهن جي جاءِ پُرڻ لاءِ ٻي زبردست سامراجي
طاقت ڪڙڪ لڳي. ياد رهي ته لڙائيءَ ۾ آمريڪا جي
اقتصادي حالت کي ڪوبه نقصان نه رسيو. ڇيڪاري
آمريڪا جنگ مان جاوا ڪيا. اهوئي سبب آهي جو
آمريڪا، لڙائيءَ ڪانپوءِ وڏي طاقت ليکجڻ ۾ اچڻ لڳي.
سامراجشاهيءَ جو جهونو نمونو بيڪار سمجهي
آمريڪي سامراجين پنهنجو رخ حالتن مطابق بدلائي
ڇڏيو. آمريڪي راڄڪرمچارين جو ويچار هو ته نون آزاد
ٿيل ملڪن جي اقتصادي ڪنجي جيڪڏهن سندن
هٿ لڳي ته پوءِ سياسي چابي پاڻمرادو اچي سندن
هٿ ۾ پوندي. ٻين لفظن ۾، هنن سمجهيو ته ڊالر جي
جهج ۽ اثر جو ڏڍڪاءُ ايشياواسين کي غلام بڻائڻ
لاءِ ڪافي آهن ۽ اُن ۾ ڪو شڪ نه آهي ته جنگ ختم
ٿيڻ کان ٿوري عرصي اندر آمريڪي سامراجين جي اها

چال کن ملکن ۾ ڪامياب ٿي ويئي. ليڪن چيني انقلاب ۽ ڪوريا جي جنگ آمريڪي مليٽري طاقت جو ڀانڊو ڦوڙي ڇڏيو. دنيا جي ڪايا پلٽجي ويئي. طاقت جي ساهميءَ جا پڙهيٽ مٽي ٿي ويا ۽ ايءَ طرفداريءَ جي ويچار-ڌارا زور ورتو. هن وقت حالت ان حد تائين اچي پهتي آهي جو آمريڪي سرڪار کي "ڪاغذ جو شينهن" (مانوسي لفظ) چئجي ته به غلط نه ٿيندو.

گذريل ڏهن سالن جي آزمودي مان اسين دعويٰ سان چئي سگهون ٿا ته سلطنتشاهي طاقتن کي ڏڙي ڪيڻ ڪانپوءِ، سياسي آزاديءَ کي پڪي بنياد تي اڀارڻ جو ڪم، ايشيائي سياستدانن چڱيءَ ادا ڪيو آهي. اجان گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن مزدورن ۽ هارين جو ساٿ وٺي ڪين راجڪاروبار ۾ اڳري ٿيڻ جو وجهه ڏنو وڃي. جاڪاڻ ته ڪم ڪندڙ طبقو جي هڪوار اڳيرو ٿيو ته پوءِ آزاديءَ جي درخت جون پاڙون پاتال ۾ کتل رهنديون جن کي پٽڻ جو ساهس ڪنهن کي به نه ٿيندو. ان هوندي به سياسي آزاديءَ جي ڏس ۾ ڪافي ڪجهه ڪيو ويو آهي جنهن لاءِ ديش ڀڳت سياستدان ڪيرون لهڻيون.

اهو زمانو ويو جڏهن ايشيائي جنتا جي قسمت جو فيصلو يورپ ۾ ڪيو ويندو هو. جڏهن صلاح ڪرڻ ته درڪار ٿو ايشيائي ملڪن کي سندن قسمت بابت

ڪيل فيصلا پڌاري جي انگليڊ ۽ سامراجي نہ ڪندا
هئا ۽ ايشيائي ملڪن ۾ رهندڙ عوام کي جاهل ۽ نااهل
سمجهي هو حڪومت هلائڻ وارن پنهنجي هٿن ۾ رکندا
ايندا هئا ۽ ليڪن اڄ حالتون گهڻو بدليل آهن ۽
سامراجين جون چالبازيون ايشيائي سرزمين تي هلي نہ
ٿيون سگهن. هن وقت ايشيائي ملڪن جي شامل ٿيڻ کان
سواءِ ڪنهن بہ ايشيائي مسئلي جو حل ممڪن نہ آهي.
جنيوا ڪانفرنس ان جو بهترين مثال آهي. چواين لائي،
فان ون ڊانگ ۽ ڪرشنا مينن جي عدم موجودگيءَ ۾
هن ڪانفرنس مان شايد ئي ڪو ڪڙ ليل نڪري ها.

تاريخ پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي. ڪو وقت هو
جڏهن سامراجين جي اشاري تي ايشيائي ملڪ ناچ ڪندا
هئا ليڪن هن وقت ايشياواسي سندن هر حڪم کي
ٺڪرائڻ جو ساهس رکن ٿا. جارڊان کي بغداد ملٽري
ناهہ ۾ آڻڻ لاءِ ڪافي زور لڳايو ويو، ڌمڪا داب ڏنا
ڏنا ويا ۽ جڏهن انهن مان بہ ڪم نہ ٿيو تہ ملايا وارو
انگريز جنگ-باز جنرل ٽيمپلر بنا دير اچي اُتي وارد
ٿيو ۽ ليڪن پالاڻين چاڙهي تي ٿي داڙهيون!

جارڊان نہ صرف ملٽري ناهہ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪاري
واري امر موڪلي سڀني انگريزي آفيسرن کي پنهنجي
فوج مان رخصت ولائي.

آمريڪي سامراجين ڪمبوڊيا کي جهڪائڻ لاءِ ويهن تي نهن جو زور لاتو، ڏکڻ ويٽنام ۽ ٿائلينڊ طرفان مالي ناڪابندي ڪرائي، مالي امداد بند ڪرڻ جو ڌمڪ ڏنو ليڪن ڪمبوڊيا جي سرڪار پنهنجي اسي طرفداريءَ واري اصول تي هماليه جيان اڏول رهي. ٻيو آزاد ملڪ تي سامراجين سان مهاڏو اٽڪائي نه رهيا آهن پر جيان، ملايا ۽ سينگاپور جهڙن نيم غلام ملڪن ۾ ملٽري ٺاهن بر شامل نه ٿيڻ جو اظهار ڪيو آهي.

ان چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته هن وقت ڪنهن به سرڪار جي پختائيءَ جو مدار سياسي آزادي ۾ قرار رکڻ تي آهي. چاڪاڻ ته ايشيائي جنتا کي غلاميءَ جي عقوبتن جي پوري ڄاڻ آهي ۽ جا سرڪار سامراجين جي پٺو ٿي رهڻ پسند ٿي ڪري ان کي ايشيائي عوام ٿڏي ڇڏو ڪري رهيو آهي. لنڪا جي چونڊن ۾ سر جان ڪوٽيلوالا جي جا ابري درگتي ٿي، سا ان جي ثابتي ٿي ڏيئي. "نيو يارڪ ٽائيمس" ان موقعي تي لکيو - "سامراجين جي مدد موت جي مٺيءَ مثل آهي."

پاڪستان ۾ به مسلم ليگ ڪمزور ٿي رهي آهي. اوڀر بنگال ۾ ليگ جي مٽي پليت ٿيڻ ڪانپوءِ اولهه پاڪستان ۾ ريپبلڪ پارٽيءَ ليگ جا پاٽيا ڪڍي ڇڏيا آهن. حالت ان ڪڙيءَ تي اچي پهتي آهي جو مسلم

ليگ پاڪستان قومي اسيمبليءَ ۾ ٿوراڻيءَ واري پارٽي ٿي بيٺي آهي.

ترڪيءَ جي حالت تمام اگهڙي وئي آهي. ايران ۽ عراق جا وزير اعظم به گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه ٿا سگهن. ڏکڻ ويٽنام جي زمر جو نه وجود ئي آمراڪي ملٽري ڪري آهي.

ٿوري ۾ چئجي، ايشيائي ملڪن جي بڻيادي ليتيءَ ڪروٽ ورتو آهي. انهيءَ سبب آهي جو هندستان ۾ نهروءَ جي بنيادي ليتيءَ جي گهڻو ڪري سڀني دل وجان سان آجيان ڪئي آهي. برما، انڊونيشيا، لنڪا ۽ جاردان ۾ ماڻهن سمجهيا آهي انهن چونڊيا آهن جي ديش ڪسي ڌاراسن وٺ نه وڪڻندا. چين، اتر ويٽنام، نيپال، افغانستان، سعودي عربستان ۽ سريا جي امن پسند حڪومتن کي عوام جي پٺ آهي.

اڄ سامراجشاهيءَ جا علمبردار ايشيا واسين کي زبان ڪرڻ جيان پنهنجي مرضيءَ تي ڪنڌ اهن نه کڻي نه ٿا سگهن. عوام ڪافي سجاڳ آهي ۽ سامراجين جي سڀني دلن تي پاڻي ڦيري ڇڏڻ جي قابل بڻيا.

اقتصادي انقلاب

شري جواهر لعل نهروءَ جي قلمن ۾ "هيڪڙ" ڌاري وهڻ بعد به قومي سرڪار ڌارين جي اوٽ

ڪسوٽ کي ساڳئي نموني هلائڻ ڏنو نه ويو. انکي آزاديءَ جو پاڇو به ڇهي نه سگهيو." اهڙي نموني، سياسي آزادي ليستائين مڪمل ٿي نه سگهندي جيستائين ملڪ اقتصادي طور پنهنجن پيرن تي نه بيٺو آهي.

مٿين ڳالهه گهڻو ڪري سڀني ايشيائي ملڪن ويچار ۾ رکي آهي ۽ هو هاڻي آرٿڪ سوتنترتا لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن.

نين آزاد حڪومتن ٻهراڻ دور ۾ آمريڪا ڏانهن مدد لاءِ هٿ ڊگهيريو ليڪن آمريڪا جي ان وقت جي پرڏيهي سيڪريٽري آچيسن جي بيان ته "آمريڪا کي ڪارخانن وارو ملڪ ٿيڻ ۾ سو سال لڳي ويا هئا ۽ اسين نٿا چاهيون ته پٺتي پيل ملڪ ايترو جلدي ترقي ڪري وڃن"، سڀني جا رڏا ڪنا لاهي ڇڏيا.

اهڙي وقت جڏهن ساري ايشيا ۾ نراسائيءَ جو وايو منڊل پيدا ٿي ويو تڏهن عوامي چين وجود ۾ آيو. دنيا جي چوٿين حصي آدم کي سرمائيداري سرشتي مان نجات ملي. سامراجين جي لوٽ کسوٽ بند ٿي ۽ هڪ اهڙي سرڪار قائم ٿي جنهن جو بنياد سماجواد تي هو. ساٿ ساٿ اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته چين جي آزاد ٿيڻ سان سماجوادي سرشتو ڪامياب سرشتو ثابت ٿيو. پٺتي پيل ايشيائي ملڪن لاءِ سماجوادي دنيا جي موجودگيءَ

سندن مالي ضرور آزاد نيٽ جي امدن کي تنهن سر جاڳايو
۽ هڪ روشن راهه ڏيکاري هئي.

رشيا جي مدد سان تنهن چين سرڪار ڏوري وقت
اندروني جهيڙو جاگيرداري ۽ سامراجي اقتصادي سرشتو
ختم ڪيو آهي ۽ سماجواڌي بنياد تي ملڪ کي اڏي
رهي آهي. جتي اڄڪر جيڏا ڪارخانا پيدا ٿي ويا آهن،
[illegible] زمين کي اهم ملي آهي ۽ ان ڪان مٽي ڪسان ڪڏهن
[illegible] ۽ ها سجر ٿيا آهن.

[illegible] ويٽنام جي عوامي سرڪار ۽ جاگيرداري سرشتي
[illegible] سرڪري ملڪ کي تنهن سر اڏڻ جون ڪوششون
[illegible] رهي آهي. اترڪوريا، عوامي چين جي مدد
[illegible] تي ٻئي عالم کي سڌارڻ بعد ڏون
[illegible] جو نمونو ڏنو آهي. عوامي چين جي
[illegible] مونيا تي عندي ڪڙي ۽ سيميت حسا

اعلان ڪيو آهي. برما ۽ انڊونيشيا جون نيون سرڪارون
به آزاد انتيءَ طرف لوچ ڏيئي رهيون آهن.

اڳي جو سڄيءَ ڪان ولندي وڏين مشينن لائين ايشيا،
يورپ تي ياڙيندي هئي، اها حالت هن وقت نه رهي
آهي. هاڻي ڪافي شيون ايشيا ۾ ئي ٺهن ٿيون ۽ ڪن
حالتن ۾ ته يورپ جي مال سان دنيا جي مارڪيٽ ۾
چٽاڀيٽي ۾ به اهن ٿيون، جنهن جو مثال هندستاني سوٽي
ڪپڙو آهي.

سامراجين جو چوڻ ته: ايشيا جا ماڻهو راڄ هلائڻ جي
قابل نه آهن، ڪوڙو ثابت ٿيو آهي. الهاس ڏيکاري ٿو
ته آزاد ٿيڻ سان ئي ايشيا جي ماڻهن ڪارخانا وڌايا
آهن، آباديءَ جي طريقن ۾ تبديليون آنديون آهن ۽ بيڪ
اڪاري، بيماري، مفلسي ۽ اڻعلميءَ کي ٽوڙي ڪيڻ لاءِ
جدوجهد چالو رکي آهي. ٿوري عرصي ۾ ڪيترا ڪارخانا،
گهر، اسپتالون، اسڪول ۽ ڪاليج ٺهي تيار ٿي ويا
آهن ۽ هن وقت اسين وشواس سان چئي سگهون ٿا ته
ايشيا کي نئين سر اڏڻ ۾ سوويٽ روس ايشيائين جي
ٿيندي چاڪاڻ ته وقت هميشه ترقيءَ جو هم سفر
ٿيندو آهي.

ايشيائي ٻڌي

سياسي ۽ اقتصادي آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ
ضروري آهي ته ايشيائي ملڪ هڪ ٻئي جي ويجهو اچن،

جــي ملڪ ۽ آزاديءَ لاءِ عزت آهي، جنهن ۾ ڪو به ڪنهنجي اندروني معاملن ۾ دخل نه ٿو ڏئي ۽ جنهن ۾ هڪ ٻئي تي ڪاهه ڪرڻ واري نيتيءَ کي تلانجلي ڏني آهي.

ياد رهي ته ان پنچ شلا ٿوري وقت اندر ئي، پنهنجو بلند آواز بانڊونگ ۾ پاتوءَ الهاس ۾ ٻهراڻون ٿي دفعو ان مکيه کمبن ايشيا ۽ آفريڪا جا عيوضي راشٽري ۽ انتر-راشٽري مسئلن تي بحث ڪرڻ لاءِ هڪ هنڌ گڏ ٿيا. پلا اها ڳالهه سامراجي ڪٿي ٿا سهاري ڪري سگهن! پنهنجن چاڙٽن دواران ڪانفرنس کي ناڪامياب بڻائڻ جي هدن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ليڪن هندستان، عوامي چين، برما، انڊونيشيا ۽ مصر جي عيوضين سامراجين جي رٿن کي ناڪامياب بڻائي ڇڏيو. انهن ملڪن جي عيوضين ايشيا، آفريڪا ۽ دنيا جي مسئلن تي کليءَ دل ســان بحث ڪري، يڪمشت آواز سان ساري سنسار کي پنچ شلا يعني شانتي ۽ انتيءَ جو سنديش سڻايو. اهوئــي آواز بانڊونگ جي وادين مان هلندو وشال عالم ۾ ڦهلجي ويو آهي.

ٿوري وقت اندر نه رڳو ايشيا ۽ آفريڪا جي انهن ملڪن ان حقيقت کي قبول ڪئي آهي پر سوويت روس، اوڀر يورپ جي لوڪوادي ملڪن ۽ يوگوسلويا پڻ ان سچائيءَ جي فرمودي تي دستخط ڪئي آهي. هن وقت

لاءِ دنيا جي آدم جراڌ ڪان مٿي حصو ٻنهي کنڊن جي سالي ھيمٿ اچي وارو آھي.

سامراجين جي ملٽري لاءِ ڊوارن ايشياواسين ڪي هڪ ٻئي ۾ وڙهائي مارڻ واري ليتي ٻنهي کنڊن جو ولاب نه سهي سگهندو ڪري ٻهوڄو الو وڃائي رھي آھي. امن ۽ آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ايشيائي ملڪ ٻڳراءِ آهن ۽ ايشيائي ٻڌي مضبوط ٿي رهي آهي.

ايشائي ٻڌيءَ کي عملي روپ ڏيڻ لاءِ تازو ٿيڻ باندونگ ڪانفرنس ٿي گذري. ايشيا جا روح روان باندونگ ۾ گڏ ليا ۽ دوستاڻي اصولن تي رکيو ۽ ڊپارٽمين جي استقاني ۽ مشڪلاتن لي صحيح ماحول ڪيائون ٻير دنيا جي سياسي مسئلن لي ٻڌ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي نون.

مصر جي آزادي برقرار رکڻ جي سوال تي ايشائي ... ملڪ متحد آهن. انگريزي، فرينچ ۽ اسرائيلي ... خلاف عوام زبردست آواز بلند ڪيو آهي. ڪهڙو ... ۽ آفريڪا جي سڀني مکيه شهرن ۾ عام ميڙ ... سرگرمون نڪتيون. ايشائي آزاديءَ جي ٻڌ ... دوستانو ناتو ساڻو جو ڪاري رکيو مظاهرن ... نيو بر الکي عملي روپ ڏيڻ جي لسڻ ... ونيو. سعودي عربيا، جاردان ۽ سريا ... مرڪلڻ جي آءِ، مصر جي محبوب اڳواڻ


عبدل ناصر کي ڪئي. چين جي ايائي لڪ ماڻهن پنهنجون خدمتون مصر جي پيش ڪيون ۽ جڳ پرسڌ چيني ساهتڪار ڪومو جو پاڻ جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ تيار ٿيو. ڀارت ۾ ڊاڪٽري ۽ ٻي مدد موڪلي ۽ مشهور انسان دوست ڊاڪٽر اٽل جي اڳواڻيءَ هيٺ سفارت تيار ٿي. پاڪستان ۾ سهراوردي سرڪار کي سامراجين خلاف سخت رخ اختيار ڪرڻ لاءِ عوام مجبور ڪيو ۽ عوامي اڳوان مولانا ڀاشاني جي رهبريءَ هيٺ تيارين ٿيڻ لڳيون. رشيا، مصر جي آزادي بچائڻ لاءِ جنگ ۾ گهرڻ جو اعلان ڪيو. انڊونيشيا جي پردان منتري ساسترو عميو جوجو جي صلاح تي ڪولمبو ملڪن جو سميلن دهليءَ ۾ ٿيو. جنهن ڪولمبو ملڪن جي وزير اعظمن، ودیشي فوجن کان مصر مان هڪدم نڪري وڃڻ جي گهر ڪئي ۽ اعلان ڪيو ته هٿڪنڊيءَ کي وري جيئارڻ خلاف جبرو مقابلو ڪيو ويندو. سو نيٺ ساري عالم جي عوامي آواز ۽ پنچ-شلا سرڪارين جي ازحد ڪوشش هٽي وڃي هٿ ڪيو ۽ دنيا تان ٽين وشو يڌ جا ڪارا ڪڪر هٽي ويا.

سياستدانن ۽ شاگردن ڪانپوءِ اديبن جو وارو آيو آهي. فيصلي موجب ايشيائي ليکڪن جو سميلن ڊسمبر ١٩٥٦ع جي پوئين هفتي ۾ ڪوٺايو ويو. اتهاس ۾ پهريون دفعو سترهن ايشيائي ملڪن جا ڪ ساهتڪار دهليءَ ۾ گڏ ٿيا ۽ ايشيائي ساهت جو جائزو ورتائون.

برما، سلون، انڊونيشيا ۽ عرب ملڪن ۾ شاهي چانهه جا
کيت، کٽيون ڪارخانا، ڪيترين تيل ڪمپنين ۽ آمدني
۽ روانگي وارا سامراجين جي هٿ ۾ آهن.

گويا، ڏمن ۽ ڏيو ۽ مڪائو تي اڄ به پورچوگيزن جو
جهنڊو جهولي رهيو آهي. ڏچ نيوگائنا کي انڊونيشيا
سان ملائڻ کان هو نابري واري ويٺا آهن. ملايا
سينگاپور ۾ وطن پرستن مٿان اڃان به خونخوار جنگ چالو
آهي. آمريڪي درندا، هٽڊروجن بم جي آزمائش سان
ايشيا جو پاڻي، هوا ۽ ڪاڏو به زهريلو بڻائي رهيا آهن.

پر اها اسرندڙ ڳالهه نه آهي. ختم ٿيندڙ ۽ مرندڙ
سرشتي جا باني اڃا کان ملٽريءَ تي ڀاڙيندا آيا آهن
ليڪن هر زماني جو عوامي آواز توان ۽ امن جي آواز
کان گهٽو گهٽو اوچو بڻجي، هميشهه سوڀ پائيندو رهيو
آهي. هن يگ جي اتهاس جو چڪر به تيز رفتار سان
اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ ان کي پٺتي موٽائڻ سامراجين
جي پهچ کان ٻاهر آهي.



جي سچ پڇو شيطان تہ ٻولي

مدش ھٿيو ھي صورت ۾، اسان لالي ۾ انسان تہ ٻوا
جي سچ پڇو؛ شيطان تہ ٻولي.

ڪرمي ڪاندي ٻاڪ ٻرامي، تون امولن جا لبا ليه
گاديسر ڪي شش چيلا نسي، الٽي وبھٽي علن حليه
ٻاھو موم وانگيان تي ورلن، اندر اٿھي ايمان لسو ٻوا
جي سچ پڇو شيطان تہ ٻولي.

چون اسانجو وڏ گھراڻو، گھر داڻو لن جراو ـــ سيا
خاندان جي خرابيءَ ڪان، المعاش گھمي ڪيئن لوڪ اڪ
جڪيو مڪو تي شرم اچي، ٻيا چون ٻڙھيل ديوان تہ ٻوا
جي سچ پڇو شيطان تہ ٻولي.

ٻڌون تہ ٻُڌھڻ جي واپارن، وڏون ٻراون ٻيا جي لا
لنگا لنگا آھن جي سي، شرافت اٺجي ڏکيل اڪھاڙ
سوارت ٻڌھڻو ٻچو ٻرائي، چون انجي ٻسوڏان؛ تہ ٻوا
جي سچ پڇو شيطان تہ ٻولي.

اندي علم تي آڪڙ اڏي، چاڙھي تان تان ڏنڊو ھيڊ؛
ادن ٻماوتھ ڏسي ٿوڪڻي، ٻمز ٻرائي "مان مان" ڪيڊ
ڏس چڙسوان ٽڙٻاراج ۾، ڪيئن لنگي روپ حوان تہ ٻوا
جي سچ پڇو شيطان تہ ٻولي..

”چـــوڻ“

انسان ۽ حالتون، حالتون
۽ انسان ٻئي هڪ ٻئي کي
مٽائڻ چاهين ٿا. حالتون
جيئن چاهين ليئن انسان کي
اڀائي سگهن ٿيون، مٽائي
سگهن ٿيون ۽ مٽائي سگهن
ٿيون ته پوءِ انسان آزاد ڪيئن
ٿيو؟ سواڌين ڪيئن ٿيو؟
انسان غلام آهي، پراڌين
آهي!

ته انسان به حالتن کي
ڦيرائي سگهيو، ناسـود
ڪري سگهيو ۽ مان ته....
”ڪاڪا! ٻه التجا ڀري
نوع ۾ هڪ ڇوڪري سندس
ڦراپ ايندي چيو.
”معاف ڪر.“

ليکڪ :-
ٻلرام وڪل

مان ۽ وڏالا جي ٻالڪن کي مٺائي سگهان تو
کي ٻڌائي سگهان ٿو. ٻالڪا کي مان ڪڏهن ا
”ڪاڪا، هڪ پيسو!“ ٻهائين التجا ڪند
ڇوڪري چيو.
”ڇم ۽ سهڻن معاف ڪر.“ آواز ۾ رڪائيءَ سان
شوخي ڀريل هئي. ڪڏهن نوجوان ڇوڪريءَ سان ٻزار
۽ ٻڌي ڳالهائڻ، يا ڪڏهن سڙڪ ڪناري ۽ مست ٻه
هڪ اهي ڪسي ڪلي ڪبڪارڻ ني ڇوٽرهڻ سڏجڻ لا
ڪافي آهي! دنيا بيوقوف آهي، عجب......
”ڪاڪا ڏاڍي بک لڳي آهي. صبح کان ڪو ن
کاڌو الر.“
”مر وڃي، مان ڇا ڪريان؟“ ڪڙڪ آواز ۾ چيم.
نه، دنيا بيوقوف ناهي، ”ڏاڍي چالاڪ ۽ چال باز...“
”اڙي! تون روئين ڇو ٿو؟“
”بک لڳي آهي.“
”۽ گهر روئي وڃي کاءُ.“
خاموشي.
”تنهنجي عمر ا، ۽ چڱي لڳندي، سڪول ويندو
ن؟ پر تون روئين ڇو پيو؟“
”ڪاڪا، ڏاڍي بک لڳي آهي. ٻڪوڙن......“ انهن
ى هن ٻڪوڙن طرف اشارو ڪيو.
ٻر تو... ٻهن ڇو ٿو؟“

"هڪ لکي آهي."

"هڪ لکي ني ته گهر روٽي وڃي ڪاڻ نه!"

"گهر روٽي ڪانهي."

"گهر روٽي ڪانهي! تنهنجو ماءُ - پيءُ ڪٿي آهي؟"

"هتي، گهر آهن."

"تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو آهي؟"

"ڪجهه نه."

"ڪجهه نه! تڏهن ڇا سڄو ڏينهن گهر ۾ سمهيو پيو هوندو آهي!"

"صبح جو الائي ڪيڏانهن ويندو آهي، وري شام جو ايندو آهي. امان کي ۽ ڏاڍو ماريندو آهي."

"پيو ڇا ڪندو آهي؟"

"وري رات جو خبر ناهي ڇا پيئندو آهي. امان کان روٽي گهرندو آهي. روٽي نه ملندي اٿس ته امان کي وري خوب گاريون ڏيندو آهي، ماريندو آهي. پوءِ ٻاهر نڪري هليو ويندو آهي."

"توکي پڙهڻ لاءِ ڪنهن موڪليو؟"

"دادا! چوٿو جڏهن کون پيو ايندين تڏهن توکي روٽي ملندي."

"تنهنجي ماءُ ڇا ڪري؟"

"ڪٽڪ سوئيندي آهي، ڏر پيئندي آهي."

"پوءِ اهي پيسا ڪيڏانهن ڪري؟"

”رات جو سڀ ٻيا دادا اچي ڪٺي ويهندو آهي.
ڪڏهن ڪڏهن امان ڪڏهن ٻيا لڪائي رکندي آهي.
اهو مان اٿو ولي روئي ٻچائي مونکي کارائيندي آهي،
بابا به کائيندي آهي. پر ڪاڪا ان مان اڪ اٿي اچي.
صبح هڪ ٿالهو ڪاڏو ال. هاڻا ڏاڍي اڪ لڳي آهي.“

هن ٻالڪ، جنهن جي مدهن ٿان اڃا ماءُ جي ٿڃ جا
نشان به نه مٽيا آهن، ڪيئن هو ٻيا اڪهاڙ او آهي؟ انسان...
حالتون..... انوت پڪري...... واڌڪي ٿيا

”چڱو ڀلو، مان او تنهنجي دادا وٽ هلان.“

”نه، نه، ان وٽ نه هلو، مونکي ماريندو!“

”نه، توکي نه ماريندو، توهن هل.“

وستي به ٻچڙي لي معلوم ٿيو نه سندس ناو مولي هو.
ڪير ٻچڙي لي هڪ طرف اشارو ڪندي چيائين، ”هيءَ
منهنجي ماءُ آهي.“

موهن اٿي وڏي سندس ماءُ جي اڙدڪ اچي چيو،
”هي لوهانڻو......“

”ها، هي منهنجو ابت آهي. چڱو! ابوڻي چوندا نه
نه هي ٻئي چولو؟“

مونکي وڌيڪ ٿي ڪئيندي سندس ماءُ چيو. سمان
سمجهي واس اڳهن به منهنجي واسه مان به ازهود ”ها“
اڪري ويٺي، منهنجي اکين ۾ ايڪ رنگ سمايا، مان ڪٿ
نه ڪري سگهيس نه هي آخر اٿري شرخ چولي ويٺي!

مون چيو، ”مان پڇڻ ٿو چاهيان، هي پني ڇو ٿو؟“
سندس ماءُ ڪجهه جي ٻڌڻ مان ساڄو هٿ ٻاهر ڪيندي شوخ لهجي ۾ ورائيو، ”انڪري جو مزوري نٿو ڪري سگهي.“
”مزوري نٿو ڪري سگهي! هي ڇو ڇا پيا؟ سندس پيءُ......“
”سندس پيءُ...؟ ڪن روڪجي چيائين، ”ان سان هوندانهن ملي سگهو ٿا.“
مان ان طرف مڙيس. پنيان ٻڌم، ”ٻر هوهن وقت هوش ۾ ڪونهن نه وڃو ٻ......“
ايتري ۾ ٿي ان طرف کان ڪڙڪ آواز آيو ”سيل!“ پنيان مڙي نهاريم سندس اکين جا رنگ، ڇهري جون مڙ ٿي رڪائون ملي مجبوريءَ جو اظهار ڪري رهيو هيون.
سيل ان آواز ڏانهن مڙي. مان ان آواز ڏيندڙ ڏانهن وڌڻ لڳس جو اچا ڪمري اندر هو. سيل اتي ئي بيٺي رهي. سندس سڄي شرير لي ڏپ جي ڇايا ڇانئجي ويئي. وري آواز آيو. ”سيل ٻڌين نٿي؟ جلدي اچ.“
۽ آواز سان گڏ اهو آواز ڏيندڙ ۾ ٻاهر نڪري آيو.
”هي ڇا! هي... هي ته!!“
مدهجو سر چڪر کائڻ لڳو. هڪ چڪر...... ٻيو چڪر...... ٽيون چڪر...... ۽ ٽئين چڪر ۾ سڀ ڪجهه ياد اچي ويو.
”او، ڌرمداس، تون هان!“ ان ٻاهر ايندي چيو.

ماڻ اوڏانهن رهجي ويس.

... ...

سچانند انهيءَ ئي ساڳئي سال اتي آفيس ۾ ڪلارڪ
هو، ٿوري ئي ارصي ۾ سندس اوچائي ۽ خوش
لٻيءَ ڪري 'اسٽور ڪيپر' جي جڳهه ڏني وئي هئي.
سياڻپ سندس ٻڪار ۾ به اڳواٽ اچي وئي.
هڪ ڏينهن مان سوير ئي چڪر لڳائيندي اسٽور ۾
وڃي پهتس. سچانند اڃا ڪونه آيو هو. جيتوڻيڪ آفيس
ٽائيم کان ويهه منٽ وڌيڪ گذري چڪا هئا. مان اتي
ئي ڪرسي تي ويهي رهيس. اوچتو منهنجي نظر هڪ
ڪٻٽ تي وڃي پيئي جا ڪتابن سان ڀري پيئي هئي.
ڪتاب ڪارائل ئي هو، يا هنن جا ماجرا هئي تڏهن ان جو
ترتيب سان ڪري سگهيس. ٻه مهينا ناولن مان ته هڪ
ليو ۽ ته هئي پڙهيو. هن ڪتابن کي پڙهڻ کانسواءِ ئي
مان ان طرف وڌي ويس. ناولن کي هٿ لڳائڻ سان
معلوم ٿي ويو. ناولن کي ڪليل هو.
مون اتان ئي رڙ ڪئي، "مسٽر لالا هي ڇا آهي؟"
مسٽر لالا اسٽور ڪلارڪ هو. ڊوڙندو آيو. ڏسي ڏ ٻ
وڃان قريب ڪيبن لڳو. اسپاوڪ لهجي ۾ چيائين،
"سر، مونکي ته خبر ڪاهي. ڪله مان ڪونه آيو هوس."
"ڪله ڪيڏانهن مئين هئين؟ سچانند ڪٿي آهي؟
ڪٿ ايندو آهي؟"

”نه سر، اڄ ته ليٽ ٿي ويو آهي. اڳئين وارو ته هوندو.“

”اڳئين وارو هوندو! سڀ ڪمن جا دشمن آهيو! هيترو سارو ٽيل هارجي ويو آهي ۽ ڪنهن کي خبر نه آهي! ايتري ڪمائي برباد پيو،“گوڊ مارننگ سر!“ اهـو سڄاڻند جو آواز هو. موهن بہ ”گوڊ مارننگ“ بجاءِ ڪيس رڙ ڪندي چيو، ”هي ڇا آهي؟ هي ٽيل ڪيئن ۽ ڪنهن هاريو آهي؟“

هو ڪجهه بہ جواب نہ ڏيئي سگهيو. صرف ان ڪئن طـرف گهور ڪري نهاري رهيو هو. اها گهور ڪيتري قـدر پيارڪ هئي اهو اڄ محسوس ڪري رهيو آهيان. مـون وري بہ چلائيندي چيو، ”هڏاءِ هي ڪيئن ٿيو؟ ڪو ڀاڻو ته نه، ڪا شڪايت ته ڪر نہ ڪم گهڻو آهي، آدميءَ جي گهرج آهي. ڪجهه نہ ڳالهاءِ نہ!“

۽ هن سچ پچ چيو، ”سر، ڪوليءَ ويچاري کي ڪم نهايت گهڻو آهي ان ڪري ٿي......“

”ان ڪري ٿي ان کان ڪا غلطي ٿي ويئي هوندي؛ اٿين نہ؟“ موهن وچ بہ ڪٽيندي چيو، ”ليڪن مان اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان. سڀاڻي چوري ٿي ويندي لڏهن بہ توهان ٿي چوندين نہ هي ڪم فلاڻي جـي هٿ بہ آهي. مسٽر سڄاڻند مونکي لاپرواه آدميءَ کان سخت نفرت آهي. توکي اورچ جاڻي ٿي مون توکي

هيءَ جڳهه ڏني هئي. مونکي خبر ڪونه هئي ته توهان
ايترو لاپرواه ٿي چڪو آهين. مون کي اهڙي ماڻهوءَ جي
اصل ضرورت ڪانهي.

"سر، مان ڪوليءَ کي هدايت ڪري ٿو ڇڏيان.
آئينده......"

سدس آواز ۾ پريشاني هئي. ائين پئي لڳو گويا پريشاني
ڪيس گهٽي رهي هئي. سدس زبان سڪي وئي هئي
جو آواز نڪرڻ ۾ محال ٿيو. لڏڻ ۾ مون جوش ۾ اچي
جي نٿڙا اس جيان ڪهندي چيو، "آئينده ايا ڇا ٿيندو؟
هتڪان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿي سگهي؟ اڌ ڪلاڪ بعد توهان
آفيس ۾ اچجو."

اڌ ڪلاڪ بعد سچانند آفيس ۾ آيو. مون ڪيس ٻنا
ڪمهن ٻئڪ جي چپ. جاپ هڪ پنو هٿ ۾ ڏيندي
چيو، "هاڻي توهان وڃي سگهو ٿا."

اڄ جيان سدس چهري تي هڪ رنگ ٿي، ايڪ رنگ
هنا. ايڪ رنگ جيترو ايڪ ٿيزارون ٿي ڪيون
هئائين. مون سدس هڪ ٿزاري ۾ سوڪار نه ڪئي.

۽ اڄ سدس هيءَ حالت ڏسي مدهجي مدهن مان اڻ ڄاڻ
نڪري ويو "سچانند ..توهان؟ توهان هي ڇا ڪري رهيو
آهيو؟ شراب .." ان ڪان وڌيڪ ڪجهه ٿه ڪچي سگهيس.
هن مدهجو سڏ پڌوني ڪونه شايد پڌو ٿه هوندالين،
ليڪن هو پدهجي مٿي ۾ ٿيو سڀل سدس پاسي ۾ اچي

هٿي. هڪ هٿ سان سيل جي ڪاڏيءَ کي ٻئي هٿ سان شراب جي ٻوتل کي مٿي ڪندي چيائين، ”شراب ۽ حسن، حسن ۽ شراب، ٻئي سمان آهن. ٻنهي ۾ دنيا کي ڀلائڻ جو نشو آهي. لذت ۾ ٻنهي ۾ ڪيڏو نه وڏو فرق آهي. انهن ڇو؟“ سيل کي ڇڏي، اٿي وڏي ٻوتل ڏيکاريندي چيائين، ”ڌرمداس سچ ٿو چوان، هن کي پيئڻ سان انسان پاڻ کي راجا- مهاراجا، دنيا جو والي ۽ اڻاڻ ڇا- ڇا سمجهڻ لڳندو آهي. ۽ حسن، حسن جهڙي شي ۾ اچي انسان پاڻ کي غلام ۽ ننڍو محسوس ڪندو آهي.“ هڏڪي ڏيندي چيائين، ”ڪيئن آهي نه برابر؟“ سچانند ۽ شراب! اماس ۽ چانڊوڪي رات!!

مان سوچي نه سگهيس ته آخر سچانند کي اهو سمجهو ڪيئن؟ ڪيئن پيئندا نين؟ ڇو پيئندا نين؟ ڪنهن جي چوڻ تي پيئندا نين؟ ”سچانند تو ني هڪ ڏينهن چيو هو شراب زهر مثل آهي.“ مون چيو.

سچانند ٻوتل اٿي وڌائيندي چيو، ”ڌرمداس، ٻهريائين پيئندو هوس ته دنيا کي ڀلائي ڇڏيان، ليڪن هاڻ پيئندو آهيان جيئن پاڻ کي ڀلائي ڇڏيان. ڀلائي ڇڏيان ته مان ڪير هوس ۽ ڪير آهيان!“ ٻهنهي ڪاني هٿ کي مٿي ڪري اڌ گول ڦيرائيندي چيائين، ”ڪير ٿيندس ان جي ته مونکي پرواه ئي ڪانهي!“ ان ساڌارڻ غلطيءَ جو انجام پياڪ ته ٿي چڪو هو. ايتري قدر پياڪ ٿيندو اهو ته مون تصور ۾ نه ڪيو هو.

منهن حي دل ٺڪر. ٺڪر ليڻ لڳي. چير، "...
نوڪري ڪندين؟ هل، اڄ ني لو نوڪري وٺي ڏيا...
"نه ڪوئي نوڪري ڏرمداس، نه ڪي. هاڻ نوڪ...
مون وٽ نوڪري ڪرڻ ايندي آهي... نوڪري...
ها...ها...ها...!" هو اور سان کلڻ لڳو. ۽ ۽ ه...
ڪچي گار ڏيندي چيائين. "سيل، ڪيڏانهن وئين؟
هيڏانهن ڪر پيسا!"

سيل، مولي کي بيهندي شرارت سان چيائين، سدڇها...
جي روشني جيان سچانند کان ٻري لڳڻ لڳي. ائڪ...
لحض ٻري آواز ۾ چيائين، "مون وٽ پئسا ڪرلهن!"
"چوان لـو ايسا ذي......" سچانند السه شوخ
ني چير.

"مان ۾ چوان ني مون وٽ پيسا ڪولهن."
"ماري چڏيندوسانء." ۽ گرجندي سچانند چيو،
"پل ماري چڏ." انين چئي سيل دڪـي وجي
رواڙي وٽ بيني.

سچانند خالي بوتل ڏيکاريندي پهاڪ رڙ ڪندي،
... "سيل، لوکان وڏاڪ مولکي هـيء بوتل ٻاري
... جلدي ڪر."
...ء لنهن جـي بوتل کان وڏاڪ مولکي مولي ٻارو
..."

”نالائق......!“ چئي ڏاڍي زور ســـان ہوٽل سيل طرف اُڇلائي.

”اما ڙي... اما ڙي...“ :

ہوٽل موليءَ جي ڪاپي ڳل ۾ لڳي هئي. مولي هڪدم بي هوش ٿي ويو. سچانند وري ۽ اڳتي وڌي چلائيندي چيو، ”نالائق ڇوڪرو پيسا ڏي.

”ڏس لوڌئي، بيرحم! ماريس، هڪ ٻـي ۽ ہوٽل هڻيس.“ ائين چوندي سيل، مولي جو بيهوش شرير سچانند جي اڳيان رکي ڇڏيو.

مولي جي زخم مان خون وهي رهيو هو. سچانند ان وهندڙ خون کي خالي نگاهن سان ڏسي رهيو هو. ڪا ويرم نہ هـــو نهاريندو ئي رهيو. اچانڪ سندس منهن مان چيخ نڪري وئي- ”مولي!“

موليءَ جو ننڍڙو، نازڪ ۽ بيهوش شرير ڇاتيءَ سان لڳائي هو سڏڪا ڀري روئڻ لڳو. ڪن پل آنسن کـــي ٿمي، هڪ نظر سان سيل ڏي، ٻئي نظر سان مولي ۽ ان جي ڳل ۾ چيڀل ہوٽل جي ٽڪري ڏي نهاري مولي جو بيهوش شرير کڻي هـو ڊوڙندو ٻاهر هليو. خالي ہوٽل جون ٽڪرون اتئي پيون رهيون.



نيڻ

ڪنهن ڏني جي نبض جهڪڻ ٿا
شرم ڪان وڏ سي هير رکڻ ٿا
ڪنهن حيا چا ڪيڏ لو ڪيڏي
خود ني خود ڪي ليڪ چمڻ ٿا
سامهون ڪواي ڪمڻ ڏسي لو
ٻيا ڏسڻ هي ليڪ ڏسڻ لا
دل ڪي هلي ڪا دفعه نئي، ٻر
نيڻ لـ بوليون سڀ سمجهڻ ٿا
دل هون ٻالهيون دل ڪي هڏاڻ
نيڻ اـ ڪهڙا اٿا ڪن ٿا!
شرم ڪي ڪوهيون ڏهني ڏهني
دل ني دل ۾ نيڻ ملن لا
لطف ڏسڻ لئہ دل ڪي، هرهر
ايڻ سياڻا اڪ چپ ڪن ٿا!
دل جا جالل نيڻ ڪڇن، ڇيڻ
گهر جا ٻالي ڪهر ڏي اچن ٿا!
ايڻ سهن جا هڪ جهڙا، اسر
ڪي ڪي دل ۾ ٻيهي وڃن ٿا.

نيڻ هي تنهنجا ڇهوا، پياسا
منهنجي دل جي پياس هڻن ٿا
خود ئي ميڪش، خود ئي مئي ٿيا
خود ئي خود کي نيڻ پيئن ٿا
مست نظر کي مستي پنهنجي
جڪڙ مارن ٿا جي نه سهن ٿا
اهڙو تنهنجا نيڻ وٺي ويا
پنهنجا ئي، مونکي نيڻ وٺن ٿا
من جا نرالا دروازا نيڻ
پنهنجي مرضيءَ ئي پٽجن ٿا
ڇورن جو تڪبر ٽوڙڻ لاءِ
جاڳي ۽ سپنا نيڻ لهن ٿا
پنهنجو ڪيو ٿو اهڙو، ايڏو
نيڻ نه پنهنجي ئي کُلي کُلن ٿا
سچ پچ، مشڪل نيڻ ٿا ڄاڻن
عادت کان، چپ، داد گهرن ٿا!
اول، آخر نيڻ ٿا مشڪن
وچ ۾ رڳو چپ 'هائو!' ڪن ٿا
نيڻ ته پنهنجا، نظر پرائي
پوءِ به ڪي فخر ونن ٿا
ٿن ئي ڪل ۾ فائدي، پڙهجي
نيڻن کان جي ڪسجي وڃن ٿا

بيروزگار منڊلي

لعل 'پشپ'

جڏهن وقت گنهمه هوٽل
اندر قدم رکيو، انوقت راجو
۽ ٻاون چانهه پي رهيا هئا.
موليءَ جي ٻرسان ٻاون ٽائي
'ٽائيمس آف انڊيا' پڙهي
رهيو هو. گنهمه کي ڏسندي
ئي راجوءَ، متان ڪٿي آئي
جي چٽي نه ٿوي، گلاس
۾ اڇل گرم گرم چانهه هڪ
ئي ڍيڪ سان نڙيءَ اندر
اوتي ڇڏي، ۽ ان بعد اهو
سوچي ته متان ڪٿي گنهمه
لچ لاهي، بي شرم ٿي
چانهه جي گهر نه ڪري،
هن ٻاون طرف منهن ڪري،
صرف گنهمه کي خاطري
ڏيڻ لاءِ ته چانهه جو آرڊر

ڀاون جو هو ۽ نہ سندس، ڪلي چيو، ”ٿڌيءَ شيوا لاءِ شڪريہ!“

لاچار گڻپت آواز ڪري آرڊر ڏنو، ”هڪ ڪڙڪ چانهه!“ ۽ ڪن رکي وري هوٽل جي مالڪ جو نالو وٺندي چيائين، ”ماڻڪلعل، پاڻي ذرا زياده!“

ڪجهه وقت ڪنهن ڪجهه نہ ڪڇيو.

آخر ۾ گڻپت ڀاون کان سوال ڪيو، ”ڪئن، آهي ڪا نئي ايڊورٽائيزمينٽ؟“

ڀاون اکيون مٿي ڪرڻ بنا ئي اُتر ڏنو، ”هڪ هنڌ ويهن ڪلارڪن جي ضرورت آهي.“

اهو ٻڌي سيٺيءَ تمام انتظار وچان ڀاون جي ويجهو وڌي آيا. ڀاون اکين جا تارا هيڏانهن هوڏانهن هيٺ مٿي ڪيرائيندي چيو، ”مگر افسوس جو ڪلارڪن لاءِ بي.اي جي ڊگري گهٽ ۾ گهٽ گهرل آهي!“

سيٺي جي منهن جو رنگ ئي لهي ويو. صرف ڀاون ئي مرڪي رهيو هو، مگر انهن ٻنهي ڀاسيو، ڀاڻ ۽ نہ ڀاون جي ان مرڪ ۾ ڀڃ مايوسيءَ ڀري پيڙا سمايل هئي، جڏهن هو ٻنهيءَ مايوسيءَ کي پنهنجين اکيان ظاهر ڪرڻ هڪ ڪمزوري سمجهي انکي لڪائڻ لاءِ زوريءَ مرڪي رهيو هو.

گهور نراشا جي ان انڌيري ۾ من ڪنهن آشا جي هڪ هلڪي ريکا چمڪي اٿي، ان آس ٿي موليءَ، ڀاون طرف

مٿهن ڪري چيو، ”ڏس مٺان ڪٿي اڄ ڪالهه انٽرويو منٽ پيٺي هجي.“

ڀاون پنهنجو مٿهن مٿي ڪري موليءَ جي اکين ۾ نهاريو، ۽ ان بعد ذرا گنڀير ٿيڻ جي واٽ ڏنائين، ”ها، هڪ انٽرويو منٽ اڄ به پيٺي آهي... نوڪريءَ جي نه، ڇوڪريءَ جي!“

سيمي جو ڌيان وري ڀاون ڏانهن ڪٽيو.

”بلڪل سچ چئي رهيو آهيان، اگر اوهان مان ڪنهن کي به نوڪريءَ بجاءِ ڇوڪري کپي ته اوهين ذاتي ائڊريس لسي درخواست ڪري ڇاٽڪي اميدوارن جي لسٽ ۾ ٿڪاري سگهو ٿا! ڇوڪريءَ جي عمر ۲۱ ورهيه آهي. سگهڙ پڙهيل لکيل ۽ وڏگهراڻي. درخواست ڪرڻ لاءِ هيٺيون لياقتون لازمي آهن. عمر ۲۱ سالن کان گهٽ ۽ ۲۵ سالن کان وڌيڪ نه هجي. سٺو صورت ۽ سٺو خاندان ضروري آهي!“ ڀاون مانگ تي وڌو.

راجوءَ هڪ ڊگهو ٽهڪ ڏيندي چيو، ”ڪيترو نه چڱو ٿئي ها، اگر منهنجي عمر فقط هڪ سال وڌيڪ هجي ها!“

سيمي هڪ هلڪو ٽهڪ ڏنو.

موليءَ سوال اٿاريو، ”اڄ پرسو ظهر تي اٿو اچي!“

ڪلپنا هڪ ڪجهه ياد ڪندي چيو، ”اڙي، توهان ٻي ڪاٿي پرسو ڪيڏانهن ويو؟“

سڀني ڪلپنا جي صورت اکيون لڳايون.

هن چيو، "پرسو ڪالهه رات کان گهران غائب آهي.
پوست ۾ درخواست ڪرڻ لاءِ ڪيس ٻه رپيا گهرايل هئا.
گهر ۾ هڪ ڪوڙو پئسو به ڪونه هون، جو هنڪي ڏيئي
سگهان. پرسي جوش ۾ اچي- گهر جا سيئي ڪـوپ
پليٽون، برتن ۽ ٻيو ڪيترو سامان ڀڃي ڇڏيو ۽ ان بعد
پنهنجا وار پٽي، قميص ڦاڙي اچي زوردار اوچنگارون ۾
چٽڪيو...... پنهنجي ويل مائٽن کي پتو پيو ته پرسو
گهر ۾ هٿوني ڪونه. ڪيتري ڳولها ڪيائون، مگر ڪجهه
نه وريو. اڄ صبح جو سندس وڏي ڀيڻ ميدو اسانجي
گهر آئي. پرسي جيان مان ب، ڪيس وڏيءَ ڀيڻ جيان
'ميدو دادي' ڪري چوندو آهيان. ويچاري ايتد اداس
هئي. پرسي سـان ذاڻو سنهه انس. مهنجيءَ ماءُ کي
ڳوڙهـا ڳاڙيندي چيئي رهي هئي- الائي ڪٿي هوندو!
مائي اـــ، ڪاڏي هوندانين الائي ن." اهو چئي گهٽ
ڪجهه وقـت رکي وري چيو، "بيروزگاريءَ اسانکان
اسانجو هڪ پيارو دوست ڇني ڇڏيو."

راجوءَ چيو، "مونکي نه پرسي لي ذرو ئه ترس نٿو
اچي! زندگيءَ مان ڪڪ ئـي ڀڃي وڃڻ مان ازدلي
سمجهندو آهيان!"

ياون نه جاڻ ڇو پنهنجو منهن ڦيري ڇڏيو.

موني چوڻ لڳو، "ڪمبخت ڀڃي ويو ته ڀڄڻ ڏيوس.
پل نه ترن جي پٺي لي سمهي پنهنجو سر ڏني، قطب

[illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

جو سردار ڪري سمجهيو وڃي ٿو، پاڻ ۾ ڪجهه خاص نه هوندي به هڪ عجيب خاصيت، هڪ علحدي شخصيت ضرور آهي، جو ڪو به هنڪي پاڪان وڏڪ سمجهڻ ۾ هن جي گهٽتائي محسوس نٿو ڪري.

هن مان هرهڪ هر روز نوڪري هٿ ڪرڻ لا هٿ پير هلائي ٿو، رلي ٿو، درخواستون ڪري ٿو سفارشون ڪٺي وڃي ٿو، ڪو به ڪم ڪرڻ لاء پاڻکي هر وقت تيار رکي ٿو، مگر نوڪري ڪنهنکي نٿي ملي هن مان هرهڪ صبح جو آشا کڻي اٿي ٿو، ۽ سڄو ويل نراشا کڻي سمهي ٿو، ۽ ان وقت هو انهن محسوس ڪرڻ لڳي ٿو، گويا آشا ۽ نراشا جي انهن ٻن پاڙي پڙن وچ ۾ پيسجندي پيسجندي هنجي زندگي ختم ٿي ويندي.

هوٽل ۾ وهندي، چانهه جا پيالا چپن سان لڳائيندي جليل سگريٽ ٻن آڱرين وچ ۾ جهليندي، هي دوست هڪ ٻئي کي آئينده جي آشا لاء اميد ڏيکارين ٿا، تمام تڪليفن کي پلجي وڃڻ لاء هڪ ٻئي سان خوب کلي چرچا اڏائين ٿا، پنهنجين تمام پريشانين، ڪشٽن، ڏکن ۽ مجبورين کي پنهنجن پاري ٿهڪن ۾ ڪجهه وقت لاء دٻائي رکن ٿا. زمان حال جي پيڙا ڀريل حالتن کي پاسيرو ڪري زمان مستقبل جا سونهري سپنا ڏسن

منار جي چوٽيءَ تي چڙهي ٽپو ڏئي، يا سمنڊ ۾ غوطا
کائي مرو ولي. مرڻکي ته اڄ ڪو افسوس نه. ليڪن مگر
گهٽ ۾ گهٽ مولڪ اسان ڏٺي ٻهڄو قرض نه چڪائي
وڃي ها!"

موليءَ ڏاڍو لهاري، ٻاون ٻيا سيني ٽوڪ ڏاو.

مگر ٻاون امام ڪبير امولي هڪ دفعو سيني جي
صورت لڪي، موليءَ ڏاڍو اهاري، هتي اکين ۾
ٻهڄون اکيون وجهندي چيو، لسون سچ تو چوين،
مولي...... هڪ انسان جي زندگيءَ کان تهنجا الله آهه
گهڻو وڌيڪ قيمتي آهن!"

... ...

هي ٻنهي ٻي ابروزگار هڪ اٿي سان ڪڏهن، ڪٿي
۽ ڪٿي گڏجي وڃا، ۽ ان ابد ڪهڙيءَ طرح هن ۾
گهرائي آئي، انجو اندازو لڳائڻ ذرا ڏکيو آهي.

هر روز هو وليم ۾ سدن محفل ٿيندي رهندي هئي.
ڪٿهم هڪ سلو گويو آهي، راهو لبڪ، ٻاون فيلسوف
مولي ڪرڪيٽ جو فرسٽ ڪلاس کيڏاڙي ۽ ابرسو ومي
جو استاد. هن ٻنهي ممبرن جي محفل ۾ ٻاون هڪ
اهم هستي رکي ٿو، ۽ انجو سبب ڪولي سمجهي نه
سگهيو آهي. ٻاون خوبصورت ڪونهي، ڪپڙا نه خاص
اوچا لئو ابوي، پڙهڻ نه ٻين دوستن کان زيادهه نه
آهي، وهب نه لئو رکي، تڏهن نه هن ابروزگار مينديءَ

جو سردار ڪري سمجهيو وڃي ٿو. پاڻ ۾ ڪجهه خاص
نه هوندي به هڪ عجيب خاصيت، هڪ علحدي شخصيت
ضرور آهي، جو ڪوبه هنکي پاڻکان وڏڪ سمجهڻ ۾
ههڙي گهٽتائي محسوس نٿو ڪري.

همن مان هرهڪ هرروز نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ
هٿ پير هلائي ٿو، رلي ٿو، درخواستون ڪري ٿو،
سفارشون ڪٺي وڃي ٿو، ڪوبه ڪم ڪرڻ لاءِ پاڻکي
هر وقت تيار رکي ٿو، مگر نوڪري کهڪي نٿي ملي.
همن مان هرهڪ صبح جو آشا کڻي اٿي ٿو، ۽ سڄها
ويل نراشا کڻي سمهي ٿو، ۽ ان وقت هو انين محسوس
ڪرڻ لڳي ٿو، گويا آشا ۽ نراشا جي انهن ٻن پارين
ٻڙن وچ ۾ پيسجندي هنجي زندگي ختم ٿي
ويندي.

هوٽل ۾ وهندي، چانهه جا پيالا چپن سان لڳائيندي
جليل سگريٽ ٻن آڱرين وچ ۾ جهليندي، هي دوست
هڪ ٻئي کي آئينده جي آشا لاءِ اميد ڏيکارين ٿا،
تمام تڪليفن کي پلجي وڃڻ لاءِ هڪ ٻئي سان خوب
کلي چرچا اڏائين ٿا، پنهنجين تمام پريشانين، ڪشٽن،
دکن ۽ مجبورين کي پنهنجن پاري ٽهڪن ۾ ڪجهه
وقت لاءِ دٻائي رکن ٿا. زمان حال جي پيڙا پريل حالتن
کي پاسيرو ڪري زمان مستقبل جا سونهري سپنا ڏسن

تا ۽ هنجي زندگي خوبصورت خواب لهندي گذرندي
رهي ٿي.

... ...

هو روز مقرر هنڌ تان، مقرر چوواڻي تي ملندا
هئا، ۽ ان بعد گڏجي هوٽل طرف هلندا هئا. ليڪن
انوقت ٻئي ڇوڪريون جو آزاد هيون ۽ ڪتاب ڪڇي
سائيڪل سڙڪ لتاڙي اسڪول طرف ويندو نظر ايندو هو.
انهن ٻنهي ڇوڪرين جي نالن جي هنن ٻنهي ابروزگارن
دوستن کي ڄاڻ هئي. اگرچ هنن مان ڪنهن ۽ انهن
ڇوڪرين مان ڪنهن سان ۽ ڪڏهن ڳالهائڻ جي ڪوشش
ڪانه ڪئي هئي، تڏهن ۽ نه ڄاڻ ڪهڙي جذبي جي
اثر هيٺ اچي، هرهڪ دوست من ئي من ۾ انهن ٻنهي
ڇوڪرين مان ٻيئڙي ٻنهجي لاءِ هڪ هڪ ڇوڪري
پسند ڪري ڇڏي هئي! رستي تي هلندي هلندي،
ڏٺيون ۽ وهندي ڇهندي، رات جي الڏبري ۾ ڪلهما
ڪندي ڪندي، هرهڪ ٻنهجي ٻنهجي پسند ڪيل
... ٻنهجي ويجهو ويٺل محسوس ڪرڻ لڳندو
... خوب ڳالهيون ڪرڻ لڳندو هو، اوڪري
... سدائين لاءِ ٻنهجو جيون ساٿي ٺاهڻ لاءِ
... هوا ۽ جنهن قسم ڪٽي ڪٽي هو اڪيلي
... ٻنهي بريتا کي وڏيڪ ڀڙاڻڻ لاءِ دنيا ۾
... ساٿين جي ۽ ڪوڀاڻي وغيره جي باهر
...

راڄو چوندو هو، ”چندرما جي سندرتا جو ڪجھ حصو منهنجيءَ پريتما جو چورايل آهي!“
موليءَ کي اها ڳالهه نه آئڙندي هئي. هو راڄوءَ کي چيڙائيندي چوڻ لڳندو هو، ”تنهنجي پريتما؟ بلڪل ’نه ٻڪن ڪئين‘! هلندي هلندي خبر نه ڪون پوندي اٿس ته سندي ساهيڙين کي پنيان ڇڏي اڌ ميل اڳتي نڪري آئي آهي، ۽ ان بعد اڃئي اڌ ڪلاڪ ٿي، پنيان نهاري، سهيلن جي راه تڪيندي، پنهنجو پاڻسان ته ڄاڻ ڇا ڇا ڪرڻ لڳندي آهي!“
موليءَ جي انهن اکرن ڪيڻ بعد، پوءِ جي واد وواد گهڻو وقت جناءَ ڪو نه ڪندي هئي...... ڪڏهن راڄو موليءَ جي مٿي مان خون ڪيندو هو، ته ڪڏهن پنهن جي مٿي مان خون ڳڙندو ڏسندو هو!

... ...

پوسي جي غير موجودگيءَ يارن جي محفل ۾ اداسي آندي هئي. خاص ڪري يارن جون نگاهون چوطرف پنهنجي وڇايل محبوب دوست کي ڳولي لاءِ پريشان ڀٽڪڻ لڳنديون هيون. گهران ٻيچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، رات جو رستي جي ڪاپي پاسي واريءَ ٻڪي پٿر جي پل تي هن پوسي کي ويچارن ۾ وڃايل ويٺل ڏٺو هو... ۽ اهو نظارو اڄ ته هو هوٽيل اندر هئن ۾ سگريٽ جهلي ياد ڪرڻ لڳو. اڄ هو اڳ ئي اڪيلو هوٽيل ۾ آيو هو،

دوستن کان الڳ. هن ان اڪيلائيءَ ۾ ڪجهه سوچڻ ٿي
چاهيو. ٻار ٻاهر، ٻرسي ٻاهر، سڀني تمام دوستن
ٻاهر، زندگيءَ ٻاهر. 'زندگي' هن پڙ پڙ ڪئي. هو ياد
ڪرڻ لڳو. ان رات ٻرسي هنجي ٻاهن جي ٻنڌڻ ۾
ٻالڪي جڪڙيندي ڪالهه سوال ڪيو هو، 'زندگي آهي
ڇا؟' اهو پڇڻ بعد هن ان سياه رات جي تاريڪيءَ ۾ به
محسوس ڪيو هو، ته ٻرسي جي اکين مان وهندڙ لڙڪ
ڏيري ڏيري سندس ڳالهين کي پڇاڙي رهيا آهن. هو
ٻرسي کي سندس سوال جو جواب صرف ايترو ڏئي
سگهيو هو، 'اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن جو جواب
ماڻهو خود ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي،' ۽ اهو
سوچيندي ٻارن کي اها سمجهه ڪونه پئي ته واقعي،
[illegible] مولي ڪيڙيءَ ريل هنجي واڇون وانگي ڪٽريءَ
[illegible] سندس صورت لڪي رهيا هئا. هو پنهنجو ٻاڻ
[illegible] ويلو هو.
[illegible] اها خاموشي ٻارن کان گهڻو وقت سڄي

[illegible] ني ڏلو، "ڇا پيو سوچين، ٻارن؟"
[illegible] ؟" ٻارن هنجو ساڳيو جملو دهرائيندي،
[illegible] پنهنجو ٻالڪان اڄ ۽ اڄ جو جواب به هن
[illegible] ڏلو، جڏهن رامءَ کي ٿي ڪڏهن کي
[illegible] پنهنجو ٻالڪي ڏيندو هئي، "اهو ٿي پيو

سوچيان، ته سوچڻ جي اها گندي علت ڪٿان مٿايان!"
سيٺي کان ٽهڪ نڪري ويو.

ان بعد موليءَ چئن پيسٽرين، چئن چانهين ۽ چئن
سگريٽن جو آرڊر ڏنو.

سيٺ کي عجب وچان هنڌانهن نهارڻ لڳا. موليءَ
جهڙو مکيچوس، جنهنجي هيتري ساري زندگي حرام جو
مال کائيندي ئي گذري هئي، ۽ جو ڳڻپ ڪي پئي جي
پيڙيءَ مان هڪ پائي هٿڻ کان به سدو سدوائو انڪار
ڪندو هو، اهو ساڳيو مولي اڄ ايڏو وڏو آرڊر ڏئي!
ڪٿن به دوستن کي ان ڳالهه تي اوشواس ڪرڻ جو
پورن اڌڪار هو. مگر وشواس ڪرڻ بنا ٻيو ڪوئي چارو
به نه ڪونه هو. سگريٽن سوڌيون چانهيون ۽ پيسٽريون
اکين اڳيان جو حاظر هيون!

دوستن جي ان اچرج تي موليءَ مرڪي ڏنو. "مان
اهڙو اياڻو نه آهيان، جو بنا ڪنهن مطلب جي اوهانکي
ايترو کارائيندس." اهو چئي هو چپ ٿي ويو.

اڳتي هو ڇا چوندو؟ صاف ظاهر هو ته انجو سڀني
کي انتظار هو، مگر مولي بلڪل مزي سان هنجي اها
انتظاري ڏسندو رهيو. دوستن جي اها انتظاري هنکي
هڪ عجيب لطف ڏئي رهي هئي. ان بعد اهڙي
پينگ سان، جڪ ٽن سالن جي پڪڻ بعد به هن لاءِ
اها ڳالهه بلڪل رواجي هئي، هن چيو، "مونکي ڪسٽمس

آئيس مان هن مهمي جي ذهن لاءِ اوکريءَ لئي چڙهڻ جو آرڊر آيو آهي!"

مولي جي مخالفتيءَ راجوءَ جي منهن تي هڪ هار جي وڌي.

هو پڇڻ لڳو، "سچ؟"

"بلڪل سچ."

"خوشنصيب آهين!" راجو، پنهنجو حسد لڪائڻ لاءِ هڪ ٺهڪ ڏيندي چيو.

گهمڻ جي ڇهري تي ڏک پري لکير کڃي آئي. پساون بلڪل خاموش هو، شايد اهولي ويچاري رهيو هو، ته موليءَ جي ان خوشقسمتيءَ تي هو خوشي مناڻي يا... ۽ سگريٽ سوڌيون چاهيون پيٽريون ايا ته ڪنهن چهيون ۽ ڪونه هيون!



جن لاءِ خوشي ميسر ڪرڻ سان ئي تون پنهنجي
لاءِ خوشي حاصل ڪري سگهندين.

"پنڇي سنسار"

سنگرهڻا: نانڪ - وي- تلريجا

عام طرح سڀني کي اها ئي خبر آهي ته گگن منڊل هيٺان وايوءَ ۾ فقط هوائي جهاز ئي ڏکو هلي سگهندا آهن. ليڪن ائين نه آهي. پکي جيتوڻيڪ آهي ننڍڙو جيو پر ان جا ڪم اچرج ۾ وجهندڙ آهن. هيٺين مثالن مان اهو چڱي ۽ ثابت ٿيندو ته ڪن پکين جي اڏامڻ جي رفتار هوائي جهاز جي رفتار کان گهٽ نه آهي:

ٻدڪ پکي	۵۵ کان ۷۰ ميل ڪلاڪ ۾
گيز پکي	۵۵ کان ۶۰ " "
تتر	۶۰ " "
پنيرو پکي	۴۸ کان ۵۸ " "
راءِ ٽرونيد همنگ پکي	۵۵ " "
هومنگ ڪبوتر	۶۲ " "
شڪلو پکي	۱۱۰ " "
ٻدڪ (هاڪ)	۱۸۰ " "
باڄ پکي	۲۰۰ " "
فرائيگيٽ پکي	۲۶۱ " "

پکين ۾ ايتري تيز اڏامڻ جي شڪتي انڪري آهي جو منجهن هڪ خاص قسم جون هوا جون ڳوٺڙيون ٿين ٿيون جنهنڪري سندن تور گهٽ ٿئي ٿي ۽ اڏامڻ ۾ سولائي ٿئين ٿي.

ليکڪ :- ناريجا بختاور ڀلاجراء

ٻالڪن کي هيسڪ 'عجيب خط' ۽ ٿورڙائين لفظ اٿهن اکرن
وارڙون سٽون پڙهڻ گهرجن. ان بعد لفظن ۽ سڀني اکرن وارڙون
سڀ سٽون گڏي پڙهڻ سان ٿورڙن پڙهڻيءَ جي هڪ معني
۽ اڳ پڙهڻيءَ جي اڳ معني معلوم ٿيندي.

ٻره شڪتلا،

ڀارت ديش جي پنج سالي يوجنائن بابت تو ذکر جيڙيو
آزادي ملڻ بعد اسان هندوستانين ڏکهي نظر رکي وڃارڻ
ته ٿورڙين پنج سالي يوجنا پوري ٿي وڃڻ بعد
اسان کي جهڪڙهن کهت سڪلنا ملي ۽ الين وسهڻ لڳاسين ۽

کاٻہ اُنهيءَ جي ريکا نظر ڪونہ ٿي اچي؛ سو
انهيءَ اسڪلتا ڪارڻ ديس جي جنتا زور شور سان
ٻي پنج سالي يوجنا شروع ڪري ڀارت
لاءِ ناماچار حاصل ڪندي. لون ٻلڪل غلط ٿي چون تہ اسان
ڀارت کي ٻين ديشن اڳيان ڪلڻ هاب ڪيو آهي ۽
۽ اجايو پيسو برباد ڪري، اجايون لافون هڻي،
ڪيترا ٻاهريان مدبر وغيره ڀارت ديش ڏسڻ
لاءِ گهرايون ٿا. اهي فقط تاج محل جهڙا جهونا تواريخي هند ڏسڻ
اچن ٿا ليڪن انهن کي سرڪاري عملدار اهڙن ڳاڻ ڳڻين
هندن جهڙوڪ: ٻاکرا ناڱل، دامودر گهاٽي ۽ ڪاڪڙاپار جهڙن
هندن تي وٺي وڃن ٿا جو هو ائين سمجهڻ لڳن ٿا تہ
هتڙا! وشاکاپٽنم جا هوائي جهازن ۽ پيرمبور جا ريلوي ڪارخانا جوڙي

ڀارت، آزاديءَ بعد بلڪل چڱي ترقي ڪئي آهي ليڪن
هو ٻه اهين ۽ چون ٿا ته هندستاني سڀ سائنسدان آهن ۽

انهن کي سچ پچ جڙت چڏيو وڃي ۽ جيڪڏهن هو
بلڪل آزاديءَ ۽ سرڪاري سهائيتائيءَ سان گڏوگڏ ڀاڳ ۽

باريڪ بينيءَ سان هن ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ
۾ لڪل ذخيرو ڳولهڻ کي لڳي وڃن ۽ چڱيءَ طرح

جاچي ڏسن ته ڪين صحيح پتو لڳي ته هار!
هندستان اندر ته مالا مال ۽ ڀرپور آهي جو

هي ڀارت جيڪي ڪجهه دور ديسن ۾ لغاري تي ڏونڪو هڻي
سڻائي او ۽ جيڪي ڪجهه پڌائي او سو بلڪل سچ لي

پڌائي رهيو آهي ته ”ڀارت، آزاديءَ بعد اها ترقي
ڪري ڏيکاري آهي ۽ اندري ته هر کيتر ۾ پيدائش ۾ واڌ

ڪئي آهي جا غلام هئڻ ڪارڻ صدين ۾ به نه ڪري سگهيو وغيره

ٻرچار ودهيئن کي خود سڀ ڪجهه اڪيئن ڏسڻ بعد صحيح ٿو ڀاسي نه نه ڪوڙي

ٻرچار سڀبان جيڪر ٻاهرين ديسن ۾ ڀانءِ ڦوڙجي وڃي،

آخر ا سچ سچ آهي ۽ ڪوڙ، ڪوڙ ۽ ڪيئن نيڪ آهي نه؟

شڪنتلا، تون اندازو لڳائين ٿي ته هندستان ۾ ڪيئن انگه اگهاڙن لاءِ

سستو ڪپڙو ڏونل خواه شهرن ۾ ميسر ڪيو ويو آهي؟ جيئن غريبن کي ملي

لٺو، رستي تي فوٽ پاٿن تي سمهندڙن کي اجهو ۽

سک ڏيڻ لاءِ ملن انيڪ مڪان جتي هو ڪو سامت جو ساهه کڻي ۽ ڇا

پيٽ بکين کي ڪو اڻو مليئي ڪونه ڏو ۽ اهي

اڪر تا مرن؟ لهجي دل تي غلط اثر وجهل آهي ته غريب

اهڙي ذليل زندگي تا گهارين جو ان ڪان

ڀارت غير واقف آهي. هر ڪوڪي ڪجهه معلوم آهي ته

× مرڻ بهتر ٿا ڄاڻن يا ماڳهين

ٻارڻالون ٻيا ڪن وڏيءَ عمر ماڻڻ لاءِ ٻيا

اها ٻرارٿنا ٿا ڪن تہ: "اي ٻرڀو! اسان کي

ڇنائہ شاهوڪاريءَ جي ڦهڪيٽ کان ڇوڙ شاهوڪار خود تو در پيا ٻاڏائين تہ

"پيڙائن کان ڇناءِ جن ۾ ٿي نيست و نابود ٿي رهيا آهيون" ۽

باقي آخر ۾ سوال رهيو آلدوان جو، سو جيڪي ڪجهہ لون

چوڻ ٿي تہ انهيءَ مسئلي جو واحد ۽ فقط هڪڙوئي علاج آهي:

سو بلڪل خام خيال آهي. ڇا! تو ڪڏهن غريبيءَ جو تصور ڪيو آهي ؟

"غريب سماج آلدولن" ۽ "سخت طوفاني آلدولن"

جي اکرن لڪيڻن کي ذهن ۾ آڻي ڏار انهيءَ جي ٻباهي تا آڻين ؟

"پيٽ بکين جو جهاد" ۽ "شاهوڪار شاهيءَ لاءِ وروڌ"

لاءِ ليڪن هوڙين وڏڪ ۽ وڏيڪ پنج سالين يوجنائن جو واحد طريقو

ٿي آهي جيڪو ڀارت جي غريب باشندن کي لاڀدايڪ ثابت ٿيندو

ڪيئن، هميشہ اڌواڻي طرح سمجهيو ته غريب جو ڀلو ڇا ۾ آهي؟

"رام ڪنور"
سنڌو نگر-۳
۲۶ جنوري، ۱۹۵۷ع

پيارو ۽ ڪرب مان،
توهانجو دادا،
رام.

اهو شخص مبارڪ آهي جنهنکي دوست ڪرڻ جو ڏانو آهي.
چاڻڪيه
اهـا ته ايشور جـي هـڪ وڏي ۾ وڏي ڏات آهـي.

آزاد نظم

شيخ اياز

هر قدم تي زندگيءَ جو جام زهر
ڪنهن نئين سقراط جو آ منتظر!
هر گهڙيءَ سوري سڏي
ڪنهن نئين منصور کي:
ٿي ٻري شمع حيات،
آ جلڻ جنهن لئي پتنگن جي اڃاس!
ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي گوتم، ڪوئي گانڌيءَ جي صفات!
زندگيءَ جي سيند جو جهومر ٿيو
جنهن سان جرڪيو حسن ذات!

سنگيت

ٽيڪچند چينوءَ
"مست"

هڪ وڏوان ڪارلائل جو چوڻ
آهي ته انسان رڳو روٽيءَ پاڻيءَ
تي ڪونه ٿو زنده رهي پر هن کي
جيئري رهڻ لاءِ ٻين ڳالهين جي
گهرج آهي ۽ اهي آهن سڀيتا ۽
سنسڪرتي. سڀيتا ۽ سنسڪرتي
ئي قومن جي اُنتي جو مدار
آهي. پر اها سڀيتا ۽ سنسڪرتي،
اها تهذيب ۽ تمدن، ڪهڙي
شيءِ آهي؟ سمجهه سگهي ۽
انڪانپوءِ ڪجهه وساري باقي
بچيل علم ۽ عمل کي سڀيتا چئجيٿو. سڀيتا، شخصيت
جي جاڻ سڃاڻ ۽ وچار ۾ وديا رستي سڌارو آڻيٿي ۽
سنسڪرتي ڪنهن قوم ۾ ان قسم جي سڀيتا جي روپ
جو نالو آهي.

سڀيتا، شخصيت جي جاڻ سڃاڻ ۽ وچار ۾ وديا
رستي سڌارو آڻيٿي ۽ ان وديا جو گهڻو مدار ملڪ جي
ڪلائن تي ٻڌل آهي. انڪري ساهتيه، سنگيت، اتهاس
ناٽڪ، نرتيه ۽ چترڪلا سڀيتا جي اوچائي ۽ سنسڪرتي

جي جوڙڻ ۾ وڏي هٿ آهن. سپينا، ڊرم ۽ فيلسوفيءَ
لئي ۾ ٻڌل آهي.

هن مضمون ۾ صرف سنگيت جي باري ۾ ئي ذڪر
ڪيو ويندو.

سنگيت جي وڏائي يا خاصيت ڪهڙي آهي؟ آسٽريليا
جي مشهور شاعر شوبر (Schober) سنگيت يا راڳ کي
سڀني ڪلائن کان اونڌاهيءَ مان ڪڍي سوجهري ۾
آڻيندڙ ڪلا ڪري ڪوٺيو آهي. پارس جي وڏي ۾ وڏي
شاعر برنس هوئيءَ موجب 'اهو انسان حيوان آهي جنهنکي
سنگيت لاءِ پيار ڪونهي.' شيڪسپيئر چوي ٿو ته 'راڳ پيار
جو کاڌو آهي.' هيني (Heine) صاحب ٻڌائي ٿو ته سنگيت
جو آستان قدرت ۽ خيال، آتما ۽ جسم جي وچ ۾ آهي.
مشهور گرنٿڪار آسڪر وائلڊ (Oscar Wilde) موجب
راڳ ٻڌڻ کانپوءِ دل جي ڪيفيت اهڙي ٿيو وڃي جو
انهن پاڻ ۾ گوڙها ڳاڙڻ شروع ٿا ڪجن جي پاپ ڪرم
انسان ڪيا ئي ڪونهن، انهن دکدائڪ داستانن ۾ ماتم
شروع ٿو ڪجي جي انسان سان لاڳاپو ڪونه ٿا رکن.
ڊرمور جي مهاراجا جي اشطن ۾ "راڳ قوم جي آئينده
ڳالهه ۾ مکيه ڪم ڪري ٿو." شري رويندرناٿ ٺاڪر
پنهنجي شعر لاءِ چوي ٿو ته منهنجا شعر راڳ ٻنا جڻ اهي پکين
ــ آهن جن کي ڪڏهن اُڏامڻ ڪونه. سنڌ جي شاهه
نے ته. پنهنجي شعر کي جدا جدا حصن ۾ ورهائي

انهن کي هندستاني سنگيت جي راڳڻين جا نالا رکيا.
لئمرٽائين (Lamartine) ليک چيو آهي ته "جتي
ڳالهائڻ بند ٿيو وڃي اتي راڳ اچيو ڪڙو لڳي."
راڳ سچ پچ خيال ۽ ڀاوَن جي ٻولي آهي. جڏهن خيال
۽ ڀاوَن کي ڳالهائڻ وسيلي ظاهر ڪرڻ عبث ٿيو پوي
تڏهن دل بيتاب ٿي آلاپ شروع ڪري ٿي جو راڳ جي
وسيلي ظاهر ٿيو پوي. پر موسيقي نه رڳو راڳيندڙ جي
دل جي ڪيفيت جو راز ٻڌائي ٿي پر ٻڌندڙن جي دلين
۾ به ساڳيا احساس ۽ ساڳيا ڀاوَ پيدا ڪيو ڇڏي. اهوئي
سبب آهي جو ڪانگريس اجلاسن ۾ وڏن وڏن نيتائن
جي تقريرن کان به وڌيڪ 'وندي ماترم' جو راڳ لکن
ماڻهن جي جذبن کي سجاڳ ڪيو ڇڏي. بنگالين تي
'وندي ماترم' ۽ فرانسيسي قوم تي 'مارسيلز' راڳ ڪيڏو
وڏو اثر ڪيو آهي اهو اظهر من الشمس آهي اهوئي سبب
آهي جو افلاطون (Plato) جي تعليمي سرشتي ۾ سنگيت
کي تمام وڏي جڳهه مليل آهي.

